

# ڏٺم ڏيهه ڏيساهه

عبدالحي پليجو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

# ڏوريم ڏيساور

(سفرنامون)


عبدالحي پليجو



شهيد ٻاڍو ٻهڻور پبليڪيشنس

ٻڍون ضلعو ٺٽو سنڌ

١٩٨٣ع



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ڇپائيندڙ: غلام رسول پليجو

ڇپيندڙ : سهڻي پرنٽرز، الهندو ڪڇو،
حيدرآباد، سنڌ

ٻهريون ڇاپو : اپريل ١٩٨٣ع

قيمت : ڏهه روپيا

(ليکڪ جا حق ۽ واسطا قائم)

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

# ارپنا

اُنهن مٽي مائرن ۽ اُيم ڀارن جي نالي، جن کي ترخانن جڏهن سنڌ تي حملو ڪيو ۽ ڪيس تابع ڪيو، تڏهن عورتن جي پيٽن مان ڪڍي، دهشت ڦهلائڻ لاءِ، سفاڪي جو مظاهرو ڪندي نيزن ۾ ٽنبي اُٿي جي گهٽين ۽ چونڪن تي ٽنگي ڇڏيو هو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

# ليکڪ جا ٻيا ڪتاب

They rule Sind for fifteen years (١)
(ڇپيل)

(٢) هي وري نہ ورندو وڻجارو
(ڇپيل)

(٣) ڏور ڏيساور
(ڇپيل) (سفرنامون)

(٤) هو جي وڻ ولايت جا
(اڻ ڇپيل) (سفرنامون)

(٥) ديش بديش
(اڻ ڇپيل) (سفرنامون)

(٦) دولهہ مهنجي ديس جا (اڻ ڇپيل)
(شاگرد تحريڪ تي لکيل ڪتاب)

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

# پيش لفظ

ست اٺ سال اڳ جي ڳالهه آهي، ڪراچيءَ ۾ موڪل تي لئنل هوس ته پنهنجي باس جو فون آيو. انهن ڏينهن ۾ جهازن کي هلائڻ لاءِ چيف انجنيرن جي ايتري قدر ڪوت هئي جو جيڪي موڪل تي لئنل هئا تن کي به واپس گهرايو پئي ويو. پنهنجي باس جو آواز ٻڌي منهنجو به اڌ ساهه سڪي ويو— ظاهر آهي ته سمجهيم تي ته ڪهڙو ڪم تي سگهي ٿو.

پورا پنجويهه مهينا ڪن لڳاتار جهاز هلائي هاڻ مس مس ڇهن مهنن جي موڪل ملي هيم. خاص ڪري ناروي ۽ ڪئناڊا واري آخري سفر ته ڪافي ٿڪائي رکيو هو. سو ويجهڙائيءَ ۾ ٻاهر وڃڻ جو ڪنهن پَر موڊ نه هو. ۽ اڃان ته موڪل جا ڇڙا تي ڏينهن گذريا هئا.

”الطاف ڇا پيو ڪرين؟“ منهنجي باس فون تي پڇيو.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

تائين ترسائي نٿو سگهجي.“

اميگريشن کاتو هڪ قسم جو پوليس ۽ انويسٽيگيشن جو کاتو آهي، جنهن جو ڪم ايندڙ ويندڙ مسافرن جا ڪاغذ ۽ پاسپورٽ چيڪ ڪرڻ آهي، جيئن متان ڪو غير قانوني طرح ملڪ ۾ اندر اچي يا ٻاهر هليو وڃي، ان ڪانپوءِ پاسپورٽ تي ٺپو هڻي ڏيندا آهن.

”تون اميگريشن کاتي جي عملدار کي فون ڪري هنن جي پارٽ ڪر ته، باقي رهيل ٿوري وقت ۾ هن جي ڪاغذن جو اڪلاءُ ٿي وڃي.“

”سائين، منهنجو ته ڪو واقف ناهي جنهن کي پارٽ ڪريان،“ مون عاجزيءَ مان چيومانس، ”منهنجي ڪير ٻڌندو.“

”هن وقت عبدالحي پليجي تالي هڪ آفيسر ڊيوٽيءَ تي آهي اهو توکي سڃاڻي ٿو. تنهنجو پڇيائين به پئي.“

مون ذهن تي گهڻو ئي زور ڏنو، پر رسول بخش ۽ عبدالرحمان پليجي ڪانسواءِ ٻي ڪا شخصيت نٿي سجهي جا مونکي سڃاڻندي هجي.

”سائين، خبر ناهي. جي سڃاڻي ٿو ته آءٌ ضرور پارٽ ڪندوسانس، پر ايترو ته ٻڌايو ته هو منهنجو ڪيئن واقف آهي. اسان پهرين ڪڏهن مليا ته نه آهيون.“

”هو به توسان مليو ڪونهي، باقي تنهنجا ڪتاب پڙهيا اٿس. هن وقت به تنهنجو ڪتاب سندس ٽيبل تي رکيو هو، ان ڪري اسان تنهنجي ڳالهه ڪئي ڪانئس



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

بزرگوار جناب ارباب نور محمد پليجو پڻ سنڌ جي هڪ اهم ادبي ۽ علمي شخصيت ٿي گذريو آهي.

عبدالحيءَ کي ڪيترا دفعا چوندو هوس ته: ”يار عجيب تو لڳي جو روز سوين هزارين ماڻهو تو وٽان پاسپورٽ تي ٺپا هڻائي، ولائت وڃن، اچن ٿا. ۽ تون اتي ئي هوائي اڏي يا سامونڊي بندرگاهه. وٽ ويٺو آهين، توکي ٻاهر وڃڻ جو شوق نٿو ٿئي؟“

”يار بلڪل ٿئي ٿو ۽ ڪڏهن ضرور گڏ هلبو.“ ورائيائين.

”پوءِ ڪڏهن اسانجوئي جهاز ڏور اوير جي رنگين ملڪن ڏي يا ٻؤنوچ سمنڊ جي سحر انگيز ٻيٽن ڏي هلي ته ڪامپليمينٽري ٽڪيٽ تي اسان سان گڏ هلبو هلن نه.“

”ضرور هلبو.“

۽ پوءِ هڪ دفعي ڪراچي آيس، ٻئي دفعي آيس، ٽئي دفعي آيس، پر عبدالحيءَ جو ڪو پتو نه پيو. هڪ ٻه دفعا هوائي جهاز رستي منيلا، ڪويت، بئنڪاڪ يا ٽوڪيو وڃڻو پيو ته هوائي اڏي تي به نظر نه آيو. خبر پيئي ته پاڻ اها نوڪري ڇڏي ڏني اٿس. سنڌ سائين: ممتاز مير جت ۽ تنئي کان پڇيم، پر ڪا به صحيح خبر چار ۽ اتو پتو نه ملي سگهيو ۽ اسان جوڳين وانگر رمندا رهياسين.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ٿئي ۽ منهنجو اصول آهي ته مالڪ جي مرضيءَ کانسواءِ
ڪنهن کي هڪ ڪاپي به نه ڏيندو آهيان.“
”ڏاڍي ٻڌائيي. آءٌ پرديسي ماڻهو، اڄ ئي هتان
وڃان پيو. ڪتاب خبر ناهي ڪڏهن مارڪيٽ ۾ اچي،
مهرباني ڪري مونکي پڙهڻ لاءِ ڏي.“
بهرحال ڪلاڪ اڌ جي بحث ۽ ضد بعد نيٺ
ڪتاب ڏنائين — پر ڪاوڙ جي ۽ منهن تي مرڪ
آڻڻ ٻنا.

هن پيري سنڌس پريس تي آيس ته هڪ ڇپيل
ڪتاب جا فارم ميڙ ينڌي چونڊ ينڌي چوڻ لڳو:
”عبدالحي پليجي جو سفرنامو ڇپجي پيو.“
”سچ، اهو ته اسانجو جهونو يار آهي. پر بڪاسٽال
تي ته سنڌس ڪتاب نظر نه آيو.“
”اهو سنڌس پهريون سفرنامون آهي، اڃان ڇپجي
مڪمل ٿي هاڻ ٿيو آهي. اڄهو هي ان ڪتاب جا پنا
تولاءِ گڏ پيو ڪريان.“
طارق اشرف جي انهن لفظن تي يقين ئي نٿي آيو
سمجهيم ٺوڪي رهيو آهي، سو چيومانس: ”هونءَ ته
ڪنهن جو ڪتاب نه ڏيندو آهين. اڄ ڇو؟“
”ان ڪري جو عبدالحي پاڻ ڇڏي ويو آهي، بلڪ
پاڻ ڪراچيءَ تو وٽ ڪٽيو ٻڌي آيو — پيش لفظ
لکائڻ لاءِ.“



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

’پيش لفظ لکائڻ‘ جو پڌي، ورتل پنا ڪٺي واپس ڪيا مانس.

”طارق، سڄو سارو سفرنامو لکائي وٺ باقي پيش لفظ نه. يا هيئن ڪر، مون پاران جيڪي وٺئي لکي ڇڏ جانءِ.“

طارق ڪند جي ڏوڻ ڪئي ۽ آءٌ سفرنامو پڙهڻ لاءِ کڻي آيس. مون سمجهيو ته طارق ڪنڌ جي ڏوڻ ڪري مونکي آجو ڪري ڇڏيو، پر هر دفعي ساڳيو سوال ته ’پيش لفظ ڪيي.‘ ۽ ڪيترين منٿن جي باوجود به هو مون پاران پيش لفظ لکڻ لاءِ تيار ناهي ۽ عبدالحيءَ جو هي دلچسپ ڇپيو رکيو آهي، جيڪو مون ته پڙهي ورتو آهي، پر پڙهندڙن جي هٿن تائين پهچڻ ۾ جيڪا گهڙي دير ٿي رهي آهي، سا منهنجي ڪري. اڄ طارق اشرف جو آسرو لاهي ڪجهه لکڻ خاطر مٿين ٻَــڪَ (يا رنڊا) ويهي روڙيا اٿم. بهرحال اينري سا اميد اٿم ته رهجي ويل چُڪون ـــ گرامر ٽوڙي ٻوليءَ جون طارق ضرور درست ڪندو ـــ پيو نه ته پنڪچيوئيشن جون درستيون ته ضرور ڪندو.

خلوص منجهان

ـــ الطاف شيخ

مون ڏٺو آهي ته اڪثر سفرنامن جي شروعات ڪراچي هوائي اڏي جي سورن سان ٿيل هوندي آهي. هوائي اڏي جا اهي سورَ ايستائين ساڻ هوندا آهن جيستائين وچي هوائي جهاز پيٽ ۾ تجي، پر اسانجا ڀاڳ ڀلا هئا جو اسان سان اهڙي ڪابه جٽ نه ٿي. پراڻا واقفڪار ۽ دوست، جنجو هوائي اڏي جي تقريباً هر ڊپارٽمينٽ سان واسطو هو، اچي گڏ ٿيا هئا جنهن ڪري اسانکي ڪک چني ۾ ڪرڻ جيتري به تڪليف پيش نه آئي. انهن دوستن مان ڪن جو واسطو اميگريشن سان هو ته ڪي وري ڪسٽم، ايئرپورٽ سيڪيورٽي ۽ پي-آئي-اي- P·I·A ۾ پيڻ شعبن سان لاڳاپيل هئا.

انهن دوستن جو خلوص ۽ تعاون جو هي عالم هو ته هو اسانکان به اڳ اسانکي رواني ڪرڻ لاءِ هوائي اڏي تي اچي گڏ ٿيا هئا. آئون سندن قربن لاءِ ٿورائتو آهيان ۽ سچ پچ ڪڏهن به سندن اهڙا محبت نه وساري سگهندس.

اسان هوائي اڏي تي وقت کان هڪ ڪلاڪ اڳ پهتاسين. انتظار ڪندڙ دوستن ۾ مسٽر شمس الدين جوڻيجو



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ستر اسي مسافر هيٺ لٿا ۽ باقي پيا جهاز ۾ ئي ويٺا رهيا ڇاڪاڻ تہ جهاز کي اڃان بہ اڳتي يعني منيلا وڃڻو هو. جهاز مان لهڻ شرط ڀريائين اميگريشن سان واسطو پيو ۽ ڀريون پيرو سندم پاسپورٽ تي غير ملڪي ٺپو لڳو. اميگريشن آفيسرن جون اٺڪل آٺ کن گلاس ڪئبنون هيون جن مان صرف پنج کن ڪم ڪري رهيون هيون ۽ باقي مسافرن جي گهٽتائي سبب بند هيون. هر ڪئبن اڳيان ڏهن ٻارنهن جي قطار لڳل هئي. جڏهن آئون پنهنجي واري سان دريءَ تي پهتس تہ آفيسر پڇيو "Fifteen Days?" مون چيو نہ "Ten Days" پر هن همراهہ ١٥ ڏينهن جي سياحتي ويزا جو ٺپو هڻي ڏنو. اها ڳالهہ مون اڪثر سفرنامن ۾ بہ پڙهي آهي تہ ٽوئرسٽ چوندا آهن ڏهہ ڏينهن تہ ٺپو لڳندو آهي ١٥ ڏينهن جو ۽ جي چوندا آهن ويهہ ڏينهن تہ ٺپو لڳندو آهي هڪ مهني جو. سو حقيقت هن ريت آهي تہ اسان وٽ ٺپا (Stamps) جنهن نموني جا هوندا آهن اسان ويزا (Visa) بہ اُن نموني سان ڏيندا آهيون مسافرن جي چوڻ يا ٻڌائڻ سان ڪوبہ فرق نہ پوندو آهي. هتي هيءَ ڳالهہ بہ ذڪر لائق آهي تہ ملڪي اميگريشن قانون پٽاندڙ مسافرن سان سلوڪ ڪبو آهي. هر ملڪ جا اميگريشن بابت پنهنجا قاعدا ۽ قانون هوندا آهن. ۽ اها ڳالهہ تہ هر ملڪ جون سياحن جي سلسلي ۾ پنهنجيون پاليسيون هونديون آهن اِنهيڪري مختلف



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ملڪن جي مختلف سياحن سان آنهن پاليسين پٽاندڙ رويو اختيار ڪيو ويندو آهي. ڪي ملڪ اهڙا آهن جيڪي چاهيندا آهن ته هنن جي ملڪ ۾ گهٽي ۾ گهٽا سياح اچن ته ڪي ملڪ وري سياحن کي بلڪل ڊسڪريج (Discourage) ڪندا آهن. ڪي ملڪ چاهيندا آهن ته هنن وٽ امير ملڪن جا سياح گهٽي تعداد ۾ اچن ته ڪي وري هنرمندن (Technical Hand) جي آمد کي ترجيح ڏيندا آهن. اهڙيءَ ريت اسانجي ملڪ پاڪستان ۾ به جدا جدا ملڪن جي لاءِ جدا جدا قاعدا ۽ قانون آهن. اسان وٽ دولت مشترڪه (Common Wealth) جي ملڪن لاءِ الڳ ته مسلمان ملڪن لاءِ جدا قائدا آهن. آهي ملڪ جنکي پاڪستان مڃتا ڏني آهي تن لاءِ الڳ ته مڃتا نه ڏنل ملڪن لاءِ الڳ قاعدا آهن. نه رڳو ايترو پر مڃتا نه ڏنل ملڪن جي مسلمان آباديءَ لاءِ به الڳ قانون جوڙيل آهن.

اميگريشن جي سلسلي ۾ هڪ سٺي ڳالهه جيڪا مون محسوس ڪئي سا هيءَ ته جپان، ٿائيلينڊ، سينگاپور ۽ ملائيشيا جي دورن دوران هر ملڪ ۾ داخل ٿيڻ وقت لهڻ (Disembarcatiton) ۽ چڙهڻ (Embarcation) جا ڪارڊ هڪ ئي وقت ڀري ڏيڻا پوندا هئا وڃڻ (Embarcation) وقت قطار ۾ بيهڻو يا ڪارڊ ڀرڻو نه پوندو هو پر وڃڻ وقت صرف ڊس امبارڪيشن ڪارڊ سواءِ ڪنهن پڇ ڳڇ جي اميگريشن وارن جي حوالي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ڪرڻو پوندو هو. جنهن ڪري وچڻ وارن مسافرن کي ۽ اميگريشن وارن کي تمام گهڻي سهوليت ٿيندي هئي. پاڪستان ۾ به جيڪر ساڳيو سرشتو رائج ٿئي ته اميگريشن وارن تان اڌ و اڌ ڪم لهي پوي. ياد رهي ته هتي اسان وٽ جڏهن چار پروازون هڪ ئي وقت ويندڙيون آهن ته مسافرن ۽ اميگريشن وارن کي بي انتها تڪليف کي منهن ڏيڻو پوندو آهي. اِنهيڪري اڪثر پروازون دير سان ويندڙيون آهن.

بهرحال اميگريشن کان آجو ٿي ڪسٽمس چيڪنگ لاءِ ڪسٽمس ڪائونٽر تي پهتاسين. جتي مختصر نموني جي جانچ پڙتال ٿي ۽ پوءِ ڪرنسي مٽائڻ لاءِ بينڪ تي آياسين. بينڪ جو نالو هو ٿائي ملٽري بينڪ (Tha Military Bank) هي ۽ بينڪ شايد ٿائي فوجين جي ڪنهن ائسوسئيشن طرفان برپا ڪيل هئي. اسانکي ڪن دوستن روانگي وقت مشورو ڏنو هو ته ايئرپورٽ جي بجاءِ توهان شهر مان پئسا مٽا سٽا ڪندڙن (Money Exchanger) کان پئسا مٽائجو، سو اسان بئنڪ تان ٿورا پئسا مٽايا. آن بعد هوٽل رزرويشن ڪائونٽر تي اچي ڪمرو مخصوص ڪرايوسين. ڪوپن وٺي الله الله ڪري هوائي اڏو ڇڏيوسين. هاڻي محسوس ڪيم ته سفرنامن ۾ هوائي اڏي جي عذابن جو جيڪو ذڪر ٿيل هوندو آهي سو اجان به گهٽ هوندو آهي. هتي ته سراسر جنّت کي منهن تو ڏيڻو پوي. بهرحال ٻاهر



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ڪنوارن جي ٻولي قرار ڏيئي پنهنجي نام ڪٺي سٽڊريل ٻوليءَ کي مفتوح ماڻهن مٿان ٺاڦڻ جي ڪوشش ڪندي آهي، پوءِ چاهي سنڌس ٻوليءَ جي شاهوڪاريءَ جو ڏيوالو هن ريت نڪتل هجي ته اَن ٻوليءَ ۾ ڪلهه (Yesterday) ۽ سڀاڻ (Tomorrow) لاءِ جدا جدا لفظ هئڻ بجاءِ ساڳيو ئي هڪڙو لفظ هجي.

ٿائيليند جي لفظي معنيٰ آهي 'آزاد ماڻهوئن جي زمين.' ٿائي معنيٰ آزاد ماڻهو ۽ لئنڊ معنيٰ ڌرتي. ٿائيلئنڊ جا ماڻهو پنهنجي اصل تاريخ جا ناتا رشتا ڏکڻ چائنا سان ڳنڍيندا. هنن جي پنهنجي روايتن موجب هو اٽڪل ٤٥٠٠ سال اڳ ڏکڻ چائنا مان ٽڙندا گهرندا اچي هتي سهڙيا. هنن جي چوڻ مطابق هنن جي ڪلچر ادب ۽ تهذيب تي ڏکڻ چائنا ۽ هندستان جو گهڙهو اثر رهيو آهي. هتي جي وڏي گهڻائي جو مذهب ٻڌ ڌرم آهي ۽ ٻڌ ڌرم جو باني هندستان جي رياست ڪپل وستو جو هو. ٻڌ ڌرم جي واڌ ۽ شروعات به هندستان جي سرزمين تي ٿي. گنڌارا جي تهذيب ۽ ٽيڪسلا جا کنڊرات هن ڌيان ۽ گيان جا گهوارا رهيا آهن. سرزمين سنڌ تي به ٻڌ ڌرم جو وڏي عرصي تائين اثر رهيو آهي. چچ گهراڻي جي حڪمراني کان اڳ سنڌ ۾ ٻڌ ڌرم وارن جو سياسي اثر و رسوخ اوج تي هو. ٿائيليند جي رهواسين جو نسلي طرح واسطو منگول نسل سان آهي. عام الانسان جي ماهرن انساني نسل جون ٽي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

وڏيون شاخون پڌايون آهن. جيڪي جسماني جوڙ جڪ، رنگ روپ ۽ خد و خال ۾ هڪ ٻئي کان ڪجهه مختلف آهن. انهن مختلف شاخن جو جاگرافيائي طرح زمين جي مختلف حصن سان تعلق رهيو آهي. اِهي شاخون آهن–

١- منگول نسل Mongoliod Race

٢- يورو ايشين نسل Euro - asian Race

٣- نيگرو نسل Negroid Race

ڏکڻ چائنا ۽ منگوليا جون انيڪ قومون جهڙوڪ چيني، جاپاني، ڪورياڻي، ويٽنامي، لائوسي وغيره هن نسل سان تعلق رکن ٿيون.

---



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

اسانجي ٽيڪسي بينڪاڪ جي رستن تان ڦرڙات ڪندي شهر ڏانهن ڊوڙڻ لڳي. هوائي اڏي کان شهر ڏانهن رستو ڪراچيءَ جي ڊرگ روڊ جهڙو هو. فرق صرف ايترو هو ته ڪراچيءَ جي ڊرگ روڊ مٿان ڪراسنگ برجس (يعني اچ وڃ لاءِ پُلون) نه آهن ۽ هتي فرلانگ فرلانگ پنڌ تي اهڙيون پُلون موجود هيون. ته جيئن روڊ ڪراس ڪرڻ وارن پانڌيئڙن کي ڪلاڪ ڪلاڪ ٽرئفڪ گهٽ ٿيڻ جي انتظار ۾ بيهڻو نه پوي ۽ نه وري ڪنهن حادثي سبب انساني جان ضايع ٿيڻ جو خطرو رهي. ساڳيءَ ريت گاڏين جي ٽريفڪ ۾ به ڪو رخنو نه پوي.

هوائي اڏو شهر کان ڪافي پري آهي. تنهن ڪري اٽڪل اڌ ڪلاڪ جي سفر ڪانپوءِ اچي هوٽل پهڙا ٿياسين. ڪمرو ته اڳي ئي مخصوص ٿيل هو. ٿوري لکپڙهه ڪانپوءِ ڪمري نمبر ۲۱۴ جي چابي اسانجي حوالي ڪئي ويئي. هوٽل جي مسواڙ هڪڙي چيڪ آئوٽ ٽائيم کان ٻي چيڪ آئوٽ ٽائم تائين اٽڪل ۲۲۰ روپيا هئي. جنهن ۾ سروس چارج ۽ سر چارج ڏيوٽي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ڪڏهن ٽيند و ئي ڪونهي، ڇو ته اهڙا ثواب جا ڪم سيئي اسان ورثي ۾ وني ڇڏيا آهن. بلڪ تي نظر وڌم ته لکيل هئا ۴۸ ڀات. حليم کي جاڳايم ۽ ويهي حساب ڪيوسين ته خبر پئي ته ٽيا ۲۴ روپيه يعني چانهه جو في ڪوپ ۰۰-۱۲ روپيا. سو جن يارن پڙايو هو ته بينڪاڪ ۾ ڏاڍي سستائي آهي تنکي في الحال دل ئي دل ۾ ست سريون سُڻايم. پر اڳتي هلي محسوس ٿيو ته واقعي هنن سچ چيو هو. هاڻي نڪرڻ جا سانباها ڪياسين. هيءُ پهريون دفعو هو جو شهر ۾ گهمڻ لاءِ ٽي وياسين. سو سائين وهنجي سهنجي تياريون ڪري ڏاڍا نيناريشي ۽ شينل (Ninnarcci - Chanal) هڻي ٻاهر نڪتاسين. اسان دوستن کان بينڪاڪ جي باري ۾ ڪافي پڇا ڳاڇا ڪري ڪجھ معلومات سهيڙي ڇڏي هئي. پيو ته مون ايئرپورٽ تي ڊيوٽي دوران ڪافي دوستن کان دنيا جي مختلف شهرن بابت خبر چار ورتي هئي، اِنهيڪري اَئين پي محسوس ٿيو ته ڄاتل سڃاتل شهر جي سير تي نڪتا آهيون. روڊ تي اچي ٽيڪسي وارن کي هٿ ڏنوسون. گهڻي متا ڪُٽ ڪانپوءِ ڳالهه سمجهه ۾ آيس ته هوٽل گريس هلڻو آهي. ۶۰ لک ماڻهن جي هن شهر بينڪاڪ ۾ توهانکي ٽئڪسيون جام ملنديون. چاهي توهان بينڪاڪ جي مرڪزي علائقي ۾ هجو يا ڪنهن ڏورانهين ڪُنڊ ۾، ڪهڙو به وقت هجي ۽ ڪهڙي به صورتحال هجي، پلي ڇونه



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

برسات وسندي هجي توهانکي ٽيڪسي وارو اسانجي ملڪ جي ٽيڪسي وارن جيان نہ ڪو اڳوات شرط لڳائيندو ۽ نہ صرف پنهنجي پسند جي ايراضيءَ ڏانهن هلڻ لاءِ رضامندي ڏيکاريندو. شام جو وقت هو جنهن ڪري شهر ۾ ٽرئفڪ تمام گهٽي هئي انهيڪري گاڏي تيزيءَ سان نہ هلي رهي هئي. اسان هوٽل تي لٿاسين تہ هوٽل جي دروازي تي بيٺل ’خادم ڇوڪري‘ (Boy Servant) اسانکي ’وئي‘ (Wai) ڪري ڪيڪاريو. ٿائي ٻولي ۾ وئي (Wai) لفظ جي معنيٰ آهي ’ڀلي ڪري آيا.‘

اسان هوٽل ۾ اندر داخل ٿياسين. هوٽل ۾ ڪيترائي (Floor) هئا. اسان ڦرياڻين جنهن هال ۾ وياسين تنهن ۾ ڪيترائي ماڻهو ويٺا هئا جن ۾ گهڻائي عورتن جي هئي. جيڪي شايد پنهنجي ڊيوٽي ٽائم ۾ هيون. هال ۾ سگريٽ ۽ ڊرنڪنگ يعني مئي نوشي جي ڪري اُٻس گهٽي هئي. رش بہ گهٽي هجڻ ڪري گوڙ تمام گهٽو هو. پر هرڪو پيو مست ٿيو ويٺو هو ڇڻ تہ انهي گوڙ ۽ رش جو حصو بڻجي ويو هو. اسان بہ آهستي آهستي ِسري وڃي ريسپشن ٽيبل وٽ وڏن اسٽولن تي ويٺاسين.

سافٽ ڊرنڪس لاءِ چيوسين. ويٺل عورتون عرب سڳورن ۽ آمريڪين کي ائين گهوري رهيون هيون جيئن اسان کين گهوري رهيا هئاسون. عربن ۽ آمريڪين



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ڏانهن اِها ڇڪ شايد اِنهيءَ ڪري هئي جو آهي سٽيا گراهڪ هئا. بهرحال اهڙي قسم جي منظر ڪي اسانجون اکيون پهريون ڀيرو ڏسي رهيون هيون. طبيعت اِنهي منظر مان مستفيض ٿيڻ ڏي مائل هئي پر خبر نہ آهي تہ ڇو غير ارادي طور تي هال ڇڏي ٻاهر نڪتاسين. جڏهن ٻي طبق تي وياسين تہ چوڏهن طبق روشن ٿي وياسين. ڊسڪو ڊانس جا ڦرڙات لڳا پيا هئا. ڪيترائي جوڙا هٿ هٿ ۾ ڏيئي ٻاڪر وجهيو ناچ ڪري رهيا هئا. هال جي روشنين ۾ اڇا ڪپهه جهڙا جسم ۽ ڳاڙها گلاب جهڙا ڳل ڊسڪو ڌُن تي جهومندي ڏاڍا پيارا لڳا پئي. ڊسڪو ڊانس دوران جيڪو گانو وڄي رهيو هو سو هندستاني گانو هو–

"آپ جيسا ڪوئي ميري زندگي مين آئي
تو بات بن جائي."

پهريائين تہ تعجب ٿيو سين پر پوءِ اڳتي هلي اِها ڳالهہ تعجب خيز نہ لڳي ڇاڪاڻ تہ ٿائيلينڊ، سنگاپور، ملائيشيا ۽ هانگ ڪانگ ۾ هر آچر تي هندستاني فلم ٽيلويزن تي ڏيکاري ويندي آهي. ڊسڪو ڊانس جا هڪ ٻہ پروگرام ڏسي ۽ ٻڌي ٻاهر نڪتاسين. اسانکي هتي ٿائيلينڊ ۾ نوَن ڏينهن لاءِ رهڻو هو اِنهيءَ ڪري باقي پروگرام ٻين ڏينهن لاءِ رکياسين. هتي بئنڪاڪ ۾ هندستانين جون ڪافي هوٽلون آهن اِنهيءَ ڪري اسانکي پسند جي ماني کائڻ ۾ ڪابہ دقت پيش نہ آئي. اسان



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ٻي ڏينهن صبح سوير ناشتو ڪري شهر گهمڻ نڪتاسين. شهر جي مختلف هنڌن، جهڙوڪ سئيم چوڪ چائنا ٽائون ۽ امرالڊ ٻڌه مندر، جو سير ڪيوسين. هونئن ته سڄو ٿائيلينڊ ٻڌ جي مندرن سان ڀريو پيو آهي پر هيءُ مندر انهن سڀني ۾ وڏي ۾ وڏو مندر آهي. ٿائيلينڊ جو بادشاهه به بذات خود هن مندر ۾ عبادت لاءِ ايندو آهي. هر سال گوتم ٻڌ جي مورتي تي پهريائين پاڻ هار پائيندو آهي. هتي جي ماڻهن ۾ مهاتما گوتم ٻڌ لاءِ وڏي عزت ۽ محبت آهي. جيتوڻيڪ ٻڌ پنهنجي فڪر ۽ فلسفي جي لحاظ کان ڪڏهن به پاڻکي نه ڪنهن مٿاهين هستيءَ جو اوتار ظاهر ڪيو ۽ نه پنهنجي پيغام کي آسماني ۽ الهامي چيو. پر پوئينرن هنجي حيثيت آفاقي ۽ آسماني بنائي هنجي فڪر ۽ فلسفي کي ڌرم بنائي ڇڏيو. بهرحال هيءَ حقيقت آهي ته ٻڌ جي فڪر دنيا جي وڏي آباديءَ کي متاثر ڪيو ۽ اڄ به گهڻي ۾ گهڻا پوئلڳ هن ڌرم جا آهن.

ها، سو ڳالهه پئي ڪئيسون امرالڊ ٻڌه مندر جي. هي مندر ڪو هڪ مندر نه آهي پر هن ۾ ڪيترائي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ننڍيا مندر آهن. هنجي مختلف هالن ۾ مورتين ۽ تصويرن
جي ذريعي هڪ قسم جي تاريخ بيان ٿيل آهي. هن
مندر ۾ داخلا جي في ١٥ پيات آهي پر ٻڌن جي خاص
مذهبي ڏينهن تي ڪابہ في نہ ورتي ويندي آهي. هتي
مون جيڪا خاص ڳالهہ محسوس ڪئي سا اِها تہ هن
مندر جي شان و شوڪت ۽ پاڪائي کي قائم رکڻ
لاءِ هتي جي سرڪار ۽ ماڻهن گهڻو ڪجهہ ڪيو آهي.
هتي وڏي ۽ خاص عبادت جي جڳهہ ۾ داخل ٿيڻ لاءِ
الڳ ۽ نڪرڻ لاءِ علحدو رستو آهي. جڏهن اسان
اندر داخل ٿياسين تہ ڏٺوسين تہ رش تمام گهڻي هئي،
پر ڪابہ پيڙ، ڌڪامار يا ڪابہ بدمزگي ڪانہ هئي.
هتي نہ جوتن چوري ٿيڻ، نہ کيسي ڪتجڻ ۽ نہ
پوليس سڳوري جي لاٺي چارج جي ضرورت ۽ ڊپ هو.
هر ماڻهو نهايت سڪون سان اندر داخل ٿيو ٿي ۽
ڪجهہ وقت اندر رهڻ ڪانپوءِ واپس ٻاهر آيو ٿي. اڪثر
ٻڌ ڌرم وارا آئي ويهي ٿي رهيا. هال تمام ويڪرو ۽
وڏو هو جنهن ۾ هزارين ماڻهن جي ويهڻ جي گنجائش
هئي. سامهون هال ۾ هڪ وڏو اسٽيج ٺهيل هو جنهن
تي شايد سون جو ٺهيل يا سون جو پاڻي چاڙهيل
گوتم ٻڌ جو شاندار مجسمو رکيل هو. جنهنکي
ٻڌ ڌرم جي مڃيندڙن رکي رکي سجدا پئي ڏنا. شايد
اِها سندن عبادت جي ريت هئي. مندر جي اندر فوٽن
ڇڪڻ جي اجازت نہ هئي، انهيڪري مهڙي منظر جي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

فوٽو گرافي جي حسرت رهجي ويئي. مندر جون آوچيون ديوارون، پڊ جا ننڍا وڏا بت جيڪي فن بت تراشي جا شاهڪار هئا، ويڪرا شاندار ايوان انساني ذهن تي پنهنجي شان شوڪت ۽ تقدس جو عجيب تاثر ڇڏي رهيا هئا. اسانکي هي سڄو مندر گهمندي چار پنج ڪلاڪ لڳي ويا پر اسانجي محويت جو هي عالم هو جو اسانکي وقت گذرڻ جو احساس ئي نه ٿيو. بهرحال هاڻي مندر کي ڇڏي ٻاهر نڪتاسين ۽ ٽيڪسي جهلي هوٽل پهتاسين. ڇهن پنجن ڪلاڪن جي ساندهه سير ٿڪائي ڇڏيو هو جنهن ڪري آرامي تي ٿياسين.

شام جو پيهر ٻاهر گهمڻ نڪتاسين. اسان ٻڌو هو ته بينڪاڪ ۾ جنهن مساج پارلرس نه ڏٺيون تنهن ڪجهه به ڏٺو. ايڏي هاڪ ۽ ناماچاري واري شئي نه ڏسڻ رڳو پڇتاءُ جو ڪارڻ بڻجي ها. اِنهيڪري ٿهي ذڪي سنهپوي نڪتاسين ته اج انهن مساج پارلرس جي فيض مان مستفيض ٿجي. ٽيڪسي واري کي چؤڦيا (Chaophya) مساج پارلر هلڻ لاءِ چيوسين، ٽيڪسي واري اچي مساج پارلر ۾ لاٿو. اسان ٽيڪسي کان پير ئي مس ٻاهر رکيو ته مساج وارا وري ويا. ڏاڍي آڌر ڀاءُ ۽ شان شوڪت سان اندر وٺي ويا. اسانکي اندر ڇڏي پاڻ ٻاهر هليا ويا. شايد ٻين گراهڪن جو انتظار ڪرڻو هئن. اسان اندر وياسين. مساج پارلر جي اڳواڻ Boss هڪ اڌڙوٽ عمر جي عورت هئي، جنهن اسانکي مساج



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

جي باري ۾ سمجهايو. هن ٻڌايو ته مساج جا چار قسم آهن هڪ سادو مساج، ٻيو باڊي مساج، ٽيون فل مساج ۽ چوٿون سئينڊوچ مساج. هاڻي اهو اسانجي پسند تي ڇڏيل هو ته ڪهڙو مساج ٿا ڪرايون.

مساج پارلرس ۾ هڪڙو وڏو هال هوندو آهي جنهن جي وچ ۾ اڇي شيشي جو هڪ شوڪيس هوندو آهي. جيڪو ايڏو ته وڏو هوندو آهي جو جنهن ۾ لڳ ڀڳ هڪ سؤ ڏوتل پوتل سهڻيون ڇوڪريون ويٺل هونديون آهن. اهي رنگ روپ جون راڻيون هيٺ ڀٽ تي وڇايل غاليچي تي سفيد ڪپڙن ۾ ملبوس سامهون رکيل ٽي-وي ڏسنديون رهنديون آهن جيڪا توهانکي ڏسڻ ۾ نه ايندي. توهان صرف انهن ڇوڪرين کي ڏسي سگهندا. انهي شوڪيس ۾ سون جي تعداد ۾ ٽيوب لائٽس (بجلي جون لٽيون) لڳل هونديون آهن. جنجي سفيد روشنيءَ ۾ اهي ڇوڪريون وڌيڪ خوبصورت ۽ وڻندڙ لڳنديون آهن. هيءُ شوڪيس تصوراتي اپسرائن جي منڊل کان ڪنهن به پڙ گهٽ نه لڳندو آهي. اهي مهانڊين ملوڪ ڇوڪريون ننڍي عمر جون هونديون آهن. هونءَ به ٿنڪاڪ گهڻين ٻين خصوصيتن سان گڏ هن خصوصيت جو حامل به آهي ته هنکي City of Teenager girls (ننڍين نينگرين جو شهر) سڏجيٿو.

انهي شوڪيس کانسواءِ باقي سڄي هوٽل ۾ روشني مدهم ۽ گهٽ هوندي آهي. وڏي هال جي پرسان



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ننڍيون ننڍيون ڪوٺيون هونديون آهن جتي آهي ميزبان ڇوڪريون پنهنجن نرم ۽ نازڪ هٿن سان مهمانن کي مساج سان مستفيض ڪنديون آهن.

هيءُ مساج پارلر بئنڪاڪ جي سٺن مساج پارلرس مان هڪ آهي. هن پارلر کي ڪي دوست قصاب خانو يعني سلاٽر هاؤس به سڏيندا آهن. بهرحال مساج پارلر جا درشن ڪرڻ کان پوءِ رات دير دير سان هوٽل پهتاسين ۽ ڏينهن جي سيروسفر تي ٽيڪا ٽپڻي ڪرڻ کانسواءِ سمهي پياسين. ڏينهن جي هل هلان ايترو ٿڪايو هو جو بستري تي ليٽڻ سان ئي ننڊ کڻي ويئي.

ٻي ڏينهن صبح جو سوير ٽوئر ڪوچ رزرويشن لاءِ وياسين ته جيئن روز گارڊن جو سير ڪري سگهون. رزرويشن وقت اسانکي ٻڌايو ويو ته ڪوچ ويگن اٽڪل ٻي وڳي رواني ٿيندي. جيئن ته وقت ڪافي هو انهي ڪري پروگرام ٺاهيوسين ته شهر مان چڪر لڳائي اچون، ۽ ڪجهه شاپنگ به ڪري وٺون ۽ ڪئميرا ۾ رول به وجهرائي وٺون. هتي يعني بئنڪاڪ ۾ خريداري وغيره جي سلسلي ۾ صرف هڪ دشواري پيش اچي ٿي سا هيءَ ته هتي جا ماڻهو انگريزي نه گهٽ سمجهن ٿا. اها ٿوري گهڻي انگريزي به تڏهن ڳالهائي ۽ سمجهي وچڻ لڳي جڏهن ويتنام جي جنگ دوران آمريڪن هن علائقي ۾ پنهنجا پير رکيا. آمريڪين کي پنهنجي فوجين جي عياشين ۽ خرمستين لاءِ هڪ عياشي جي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

اڏي جي ضرورت هئي جتي هي نام ڪنيا مهذب انسان پنهنجن ڏالرن جي زور تي جوان جماڻ خوبصورت، نازڪ بدن ڇوڪرين جي جسمن جي خوشبو لٽي پنهنجن ذهنن ۾ راتين کي رنگين بنائي سگهن. آمريڪي سامراج انسان ذات جي همدردي لاءِ واڳوءَ وارا ڳوڙها ڳاڙيندي ڪڏهن به شرم ۽ حيا محسوس نه ڪيو آهي. ويتنام جي جنگ ۾ هزارها انسانن جي عام ڪوس کان علاوه ڪيميائي هٿيارن جي استعمال کان به پرهيز نه ڪئي اٿس.

اِنهن ڪيميائي هٿيارن جي استعمال جي نتيجي ۾ ڪيترين ئي وچڙندڙ بيمارين ڦهليون ۽ هزارها انسان اُنهن موذي مرضن جو شڪار ٿيا آهن. مشهور برطانوي فلاسافر برٽرينڊ رسل ويتنام ۾ آمريڪي جنگي ڏوهن جي جانچ لاءِ هڪ بين الاقوامي ٽربيونل قائم ڪيو. هن ٽربيونل فرانسيسي فلاسافر ژان پال سارتر جي اڳواڻي هيٺ جنگي ڏوهن جي هڪ رپورٽ تيار ڪئي. اِها رپورٽ آمريڪا جي ظالمائي سامراجي سازش ۽ ڏوهن جو ناقابل ترديد دستاويز آهي. انهن جنگي ڏوهن کان علاوه ڏکڻ ايشيا جي هن ننڍڙي ملڪ ٿائيليند کي آمريڪين عياشي جو وسيع اڏو ۽ جسمن جي نيلام جي عام منڊي بنائي انساني ضمير کي ڇـهـڪَ ڏنا آهن. فيڊرل ڪاسترو انٽرپارليامينٽ يونين جي ٦٨ وين ڪانفرنس کي خطاب ڪندي جيڪا تاريخي تقرير ڪئي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

تنهن ۾ ٽين دنيا جي ملڪن جي پسماندگي جا انگ اکر پيش ڪندي هُن عالمگير ضمير کي جهنجهوڙيو ۽ سامراجي قوتن جي استحصالي ۽ انسان دشمني واري پاليسيءَ جا وڪا پڌرا ڪيا، انهي سلسلي ۾ ٿائيلينڊ جو ذڪر ڪندي هن چيو هو:

”بين الاقوامي پورهئي واري تنظيم جي ڪيل تحقيقات موجب رڳو بينڪاڪ ۾ هن وقت ٻه لک ڇوڪريون عصمت فروشيءَ ۾ رڌل آهن. انهن مان اڌو اڌ جي عمر ويهن سالن کان گهٽ آهي.“

ويتنام جي جنگ ۾ هار کائڻ ۽ ٽيڙ گول ڪرڻ کانپوءِ بظاهر آمريڪي ته هي علائقو خالي ڪري ويا پر اڄ به ڏکڻ ايشيا جي سوشلسٽ ملڪن کانسواءِ باقي ملڪن جي سياست تي آمريڪي اثر موجود آهي. ٿائيلينڊ ته سياسي طرح آمريڪي سرڊمت جي حيثيت رکي ٿو.

بئنڪاڪ جي بازارِ حسن ۾ آمريڪي ڊالرن تي حسين و جميل جسم وڪامن ٿا، شرابن جا دور هلن ٿا ۽ ناچ گانن جون محفلون گرم ٿين ٿيون. مطلب ته ٿائي قوم هڪ اهڙي ڏيڍ ۾ ڦاسي ويئي آهي جتان نڪرڻ ڏاڍو ڏکيو پيو لڳي.

اڄڪلهه بئنڪاڪ جي بازارِ حسن ۾ آمريڪين جي جڳهه اسانجي عرب سگهورن والارڻ شروع ڪئي آهي. پاڻ الطاف شيخ جي هڪ سفرنامي ۾ پڙهيو هئم ته ڪا



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

۽ ٻڌائين تہ ھتي پاڪستان جي قبائلي علائقن جا پٺاڻ تمام گھڻا آباد آھن ۽ ڳوٺن جا ڳوٺ سندن آھن. اِھي سڀ ھتي جا شھري ٿي ويا آھن. اِنھن مان ڪي ايترا امير ۽ ھلندي پڄندي وارا آھن جو سندن باد شاھہ تائين بہ رسائي آھي. دل ۾ خيال آيم تہ رڳي اسان سنڌواسين سان جُٽ ڪانھي پر ھي ھتي بہ پھچي ويا آھن. اسان آھا رات پٽايا جي رائل ڪلف بيچ ھوٽل (Royal Cliff Beach Hotel) ۾ گذاري. اسان وٽ پاڪستان ۾ صرف ھڪ فائيو اسٽار ھوٽل آھي پر ھتي ٿائيلينڊ جي ھر وڏي شھر ۾ گھٽيون ٿي اھڙيون فائيو اسٽار ھوٽلون آھن. ٻاھرين ملڪن ۾ تہ ھاڻ ڊيلڪس فائيو اسٽار ھوٽلون (Delux Five Star Hotel) ٻڻ شروع ٿي ويون آھن.

ٻي ڏينھن ٿورو اندر سمنڊ جي سير ڪري واپس بئنڪاڪ ورياسين. مون اڳ ۾ بہ ذڪر ڪيو آھي تہ پٽايا ۽ بئنڪاڪ جو فاصلو اٽڪل ھڪ سؤ ميل آھي يعني حيدرآباد کان ڪراچي ۽ تائين آھي. جنھن بس ۾ واپس ورياسين سا مڪمل ايئر ڪنڊيشنڊ ھئي. ھيٺ غاليچو وڇايل ھئس. بس ۾ (Toilet) بہ ھو. سفر دوران پيئڻ لاءِ بيئر، سافٽ ڊرنڪس ۽ کائڻ لاءِ سينڊوچز ۽ برگر آرڊر تي ڏنا ويا ٿي. بس ۾ سامھون رنگين ٽي-وي بہ لڳل ھئي. جنھن تي واپسي ۾ موسيقي جو پروگرام بہ ڏيکاريائون. بس جون سيٽون بلڪل ھوائي جھاز



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

وغيره بيري کان ڪٿائي هيٺ لٿاسين بل جي ادائگي اسان رات ئي ڪري ڇڏي هئي. اسان جي سنگاپور لاء ٽڪيٽ اڳي ئي K . هئي انهيڪري ڪوبه ڪتڪو ڪونه هيوسين. اهڙي ريت بئنڪاڪ شهر کي خيرباد چئي بئنڪاڪ انٽرنيشنل ايئرپورٽ تي پهتاسين. وچڻ وقت ايئرپورٽ فارمليٽز پوري ٿيڻ ۾ ڪو زياده وقت نه لڳو، هوائي جهاز ٿائيلينڊ جي سرزمين کي ڇڏيو ۽ اسان بئنڪاڪ جون ساروڻيون سنڀاريندا سنگاپور روانا ٿياسين.

---



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

وٽان ڪلاڪن جا ڪلاڪ هلندي آهي ، ايسٽائين جو وچي ٻاهر گاڏيءَ پهڙو ٿجي .

سنگاپور جاگرافي جي لحاظ کان جنهن هنڌ تي واقع آهي انجي نزاڪت هنجي سياسي ۽ معاشي اهميت کي وڏيڪ وڌائي ڇڏيو آهي . ايراضي ۽ آدمشماري جي لحاظ کان سنگاپور هڪ ننڍڙو ملڪ آهي پر ڪاروباري اهميت جي لحاظ کان وڏين طاقتن جي نگاهن جو مرڪز آهي . هتي گهڻو ڪري ٻين ملڪن جا ماڻهو پنهنجي موڙي سيڙائيندا آهن . پنهنجي ملڪ جي هڪ تمام وڏي شپنگ ڪمپنيءَ جا جهاز به سنگاپور جي جهنڊي هيٺ هلي رهيا آهن . اِها ڪمپني سنگاپور حڪومت وٽ رجسٽر ٿيل آهي . هتي جپان ۽ آمريڪا جا ماڻهو وڏي پئماني تي ناڻي جي سيڙپ ڪري رهيا آهن . صنعت ۾ سڌريل ملڪن جا سرمائيدار پنهنجي ناڻي جي سيڙپ اهڙن ملڪن ۾ انهيڪري ڪري رهيا آهن جو اتان سستي مزدوري ۽ سستو ڪچو مال ملي ٿو جنهن مان ڪروڙها ربيا ڪمايا وڃن ٿا .

اسان هوٽل رزرويشن ڪائونٽر تان هوٽل لاءِ ووچر وٺي اچي ٽيڪسي لاءِ قطار ۾ بيٺاسين . واري تي ٽيڪسي ملي جنهن ۾ چڙهي اچي هوٽل تي پهتاسين ، ٽنگلن ڪورٽ هوٽل (Tanglin Court Hotel) زور ويلي روڊ تي شهر جي وچ ۾ هئي . هيءَ هوٽل بئنڪاڪ جي هوٽل جهڙي نه هئي پر تنهن هوندي به چڱي هئي .



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

آهي آسانيءَ سان رهڻيءَ ۾ وسامي وڃن ۽ ڊونهون نہ ڪن. ڪمري تي ڪجهہ وقت آرام ڪرڻ ڪانپوءِ شام جو گهمڻ لاءِ شهر ۾ نڪتاسين. اسانکي اڳ اها خبر نہ هئي تہ ٽيڪسي صرف ٽيڪسي اڏن تان ملندي آهي. جنهن جو ذڪر اڳيان بہ ڪيو اٿم. اِنهيڪري ٽيڪسي هٿ ڪرڻ ۾ گهڻو وقت لڳو. بهرحال ٽيڪسي هٿ، ڪري ٽراپيسڪانو نائٽ، ڪلب وياسين. ٽڪيٽ تمام گهڻي مهانگي هئي، يعني هڪ سؤ پنجهتر روپيا. هتي ڪلاسيڪل قسم جا مختلف ڊانس (ناچَ) ڏيکاريائون.

بئنڪاڪ واري ڳالهہ هتي ڪونہ هئي، تنهن ڪري اوٻاسيون پئي ڏنوسين. بئنڪاڪ جيان هتي بہ هندستانين لاءِ ڪافي هوٽلون آهن، خاص ڪري عرب اسٽريٽ تي. اِنهيڪري ماني وغيره جي ڪابہ تڪليف نہ ٿيندي هئي. ٻي ڏينهن شهر گهمڻ وياسين. هتي وڏيون وڏيون سپر مارڪيٽون هيون. جن ۾ پلازا سپر مارڪيٽ، جيڪا تازو ٺهي راس تي هئي، سا تہ تمام وڏي سپر مارڪيٽ هئي. اسان هاءِ اسٽريٽ، آرچڊ پلازا ۽ چائنا ٽائون پڻ گهمڻ وياسين. هتي سستائي تمام گهڻي آهي. مارڪيٽ پرڏيهي مال سان سٿي پئي آهي. هر شئي هتان ملي سگهي ٿي. اسان ٿورڙي خريداري بہ ڪئي، هتي سنگاپور ۾ سنڌي ماڻهو تمام گهڻي تعداد ۾ آباد آهن. اِها قدرتي ڳالهہ آهي تہ پرڏيهہ ۾ ديس واسين



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

سان ملڻ لاءِ دل آچلون ڏيندي آهي. دل ۾ دل ۾ هڪ عجيب سرور ۽ ڪيف پئي محسوس ڪيم ته هزارها ميل پري اُنهن وطن واسين سان ملي وطن جا حال اوري سگهندس، جيئن ’اياز‘ چوائي:

آڌري ويا سڀ وهلورُ وڳر
ڪا ڪُونج نه موٽي آئي آ.

جن ماڻهن سان ملڻ وچي رهيو هئس تنهن جي چهرن سان به ڪڏهن آشنائي نه هئي، پر هڪ رشتو ۽ ناتو ضرور هو. اهو رشتو ۽ ناتو هو مٽيءَ جي محبت جو. اِها محبت ۽ آڪير ئي مونکي ڇڪي اُنهن جي آستانن تي وٺي ويئي. اُٺ آٺي ڪيترن ئي سنڌين سان مليس، جيڪي اڪثر واپاري طبقي سان تعلق رکندڙ هئا.
اِهي ماڻهو هاڻي هتي ايترا جُڙي ويا آهن جو سنڌ ذهن تان سنڌ جون يادون مٿيون پيون وڃن. منجهن سنڌ لاءِ گهڻو اُتساهه نه رهيو آهي، تڏهن به پنهنجي سُڃاڻپ ڪي قائم رکيو اچن. سنڌن نئين ٿهيءَ جا سنڌي اُچار هنن جهڙا پختا ۽ صحيح نه رهيا آهن. اِنهي مان اندازو ٿئي ٿو ته سنگاپور ۾ سنڌي ٻوليءَ جو آئندو روشن نه آهي. ٻن ٽن پيڙهين بعد اِهي ماڻهو صرف نالي جا سنڌي وڃي بچندا باقي ٻوليءَ جا ٻول وسري ويندن.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

الا، ائين مَ هوء جو ڪتابن ۾ پڙهجي،
تہ ُهتي سنڌ ۽ سنڌ وارن جي ٻولي.
”نارائڻ شيام“

مونکي هڪ سنڌي واپاريءَ ٻڌايو تہ هت سنگاپور ۾ اٽڪل ٽيهہ چاليهہ هزار سنڌي آباد آهن. اسان سنڌين جي ائسوسيئشن طرفان اسانجو پنهنجو هڪ سنڌي اسڪول پڻ آهي. اسان پنهنجن خاص ڏرمي ڏينهن تي ٽيليويزن جو ڪو هڪ چئنل ڪلاڪ اڌ ڪلاڪ مسواڙ تي وٺندا آهيون ۽ سنڌي پروگرام نشر ڪندا آهيون تہ جيئن سڀ سنڌي ۽ ٻيا آهي پروگرام ڏسي سگهن. هتي حڪومت طرفان ڪو بہ سنڌي اسڪول هلندڙ نہ آهي ۽ نہ ئي وري T.V وارا پاڻ مرادو ڪو سنڌي پروگرام پيش ڪندا آهن. هتي سنڌين جي ائسوسيئشن گهڻي وقت کان ڪم ڪري رهي آهي ۽ منجهن ڏاڍي ٻڌي بہ آهي. سنگاپور جا سنڌي تمام امير ماڻهو آهن. هتي سنڌن وڏا ڪاروبار آهن ۽ چڱي پهچ جا مالڪ آهن. بئنڪاڪ جي ذڪر دوران اها ڳالهہ ٻڌائڻ وسري ويئي تہ بئنڪاڪ ۾ بہ ڪافي سنڌي آباد آهن. اِهي سڀ گهڻو ڪري واپاري آهن. اسان هڪ سنڌي واپاريءَ، جنهن جو ڪپڙي جو دڪان هوٽل ٽروڪاڊيرو ( Trocadero ) جي پرسان ”لڪشمي ڪلاٿ هائوس“ جي نالي سان آهي، تنهن



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

سان ملاقات ڪئي. هن اسان کي ٻڌايو ته بئنڪاڪ ۾ ٻه ٽي هزار سنڌي آباد آهن.

مون سنگاپور ۽ بئنڪاڪ جي ڪافي سنڌين کان پڇيو ته آهي اصل ڪٿان جا هئا ته معلوم ٿيو ته اِنهن مان گهڻا حيدرآباد ۽ اُن جي پسگردائين سان واسطو رکندڙ هئا. انهن مان گهڻا ڪٽنب ته هندستان پاڪستان جي ورهاڱي کان گهڻو اڳ هتي آباد ٿيل هئا. جن سنڌ ورڪي واڻين جون ڳالهيون اڄ به اسان وٽ مشهور آهن سي اهي ئي ماڻهو آهن جيڪي ڏکڻ اوڀر ايشيا جي ملڪن ۾ مستقل سڪونت اختيار ڪري چڪا آهن. سنڌ جا ساموندي جيڪي ڏيساورن ڏوري ۽ ڪارا ڪنڌ ڪيڙي آڻ ميون دولتون ميڙي اچي سنڌ سونهاري ۾ جمع ڪندا هئا سي هاڻي وطن سان ناتا ڇني پرڏيهين جا ڏيهي ٿي ويهي رهيا آهن.

وڃئي وسري شال، تو جو سودو سڪيو،
اڄان آئين ڪالهه، پڻ تو سفر سنبهين.
شاهه سائين

—

وڻجاري جي ماءُ، وڻجارو نه پلئين،
آيو ٻارهين ماهَ، پڻ تو سفر سنبهي.

سنڌ جي سداحيات شاعر لطيف پنهنجي شاعريءَ جو سڄو سُر "سُر ساموندي" اِنهن وڻجارن، ساموندين،



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ناڪئن ۽ ڪنڊ ڪيڙائون جي نذر ڪيو آهي. هاڻي اِهي اسان ڪان جيتوڻيڪ ڪوهين ڏور آهن پر اسانجي ادب ۽ تاريخ جو حصو بڻجي ويا آهن.

مون اڪثر ٻڌو هو تہ سنگاپور ۽ بئنڪاڪ ۾ آباد هندو سنڌ مان ايندڙ سنڌي ۽ سان تمام سڪ ۽ اُڪير سان ملن ٿا ۽ سنڌ بابت ڏاڍيون پڇائون ڪن ٿا. پر ڪيترن سان ملاقات بعد اِها خوش فهمي دور ٿي ويئي. منجهن اهڙي ڪا بہ سڪ ۽ اُڪير نہ هئي. اِهي چوويهہ ڪلاڪ واپاري آهن ۽ واپار ڪانسواءِ ٻي ڳالهہ ڏانهن ڌيان ڏيڻ جي ضرورت ئي نٿا محسوس ڪن. اِهي مون کي اُنهن ڪاغذي گلن جهڙا لڳا جنجي مٿان ”سنڌي“ لکيل هو پر منجهن سنڌيت جي ٻُوءِ ذري جيتري بہ نہ هئي.

سڄڻ ۽ سانيهہ ڪنهن اڻاسيءَ وسري،
حيف تنهين کي هوءِ، وطن جن وساريو.
لطيف

ٻي ڏينهن صبح جو ”ميندا‌ءِ آرڪڊس چڙياگهر ۽ ڪرنجي ميمور يل ٽائگر بام باغ“ _Zoo Mandai) Orchards & Karanji Memorial Tiger Balm Garden) ڏسڻ وياسين. ٽائيگر بام باغ ۾ هزرادين مورتون ۽ تمام وڏيون تصويرون ٺهيل هيون، جن ۾ سنگاپور جي ثقافت جي جهلڪ ڏيکاريل هئي. گهمندي ڦرندي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ملڪ جي آبهوا ۽ حالتن تحت رکيا ويا آهن. جيڪي
پکي پهاڙي ملڪن جا آهن انهن کي تمام وڏن ويڪرن
پڃرن ۾ پهاڙي ماحول ۾ رکيو ويو آهي. جيڪي
پکي سرد ملڪن/علائقن جا آهن تنکي وڏن ڪشادن
ڪمرن ۾ رکيو ويو آهي ۽ ايئرڪنڊيشنز جي ذريعي
هتراڏو ٿڌو ماحول مهيا ڪيو ويو آهي. هتي هزارين
سياح اچن ٿا. سياحن لاءِ تمام سٺو بندوبست ڪيل
آهي. توهان جڏهن ٽرام ۾ هلندا ته ٽرام ۾ لڳل لائوڊ
اسپيڪرن ذريعي توهان کي مختلف هنڌن تي رکيل
پکين جي باري ۾ مڪمل معلومات ٻڌائي ويندي.
اهڙي ريت پکين کي ڏسڻ سان گڏ انهن جي معلومات
به توهانکي حاصل ٿيندي ويندي.

سنگاپور جي نائيٽ لائيف (رات واري زندگي)

پنهنجي اميراڻي رنگ روپ ۽ سونهن سوڀيا ۾ بئنڪاڪ
کان وڌيڪ وڻندڙ ۽ جاذب نظر لڳي ٿي. تمام وڏيون
وڏيون عمارتون، روشنين سان سنگاريل ڪشادا ۽
چلڪندڙ رستا، سيلف ڪنٽرولڊ ٽرئفڪ، وڏيون ۽
نيون گاڏيون ۽ خوبصورت مارڪيٽون جيڪي جڳمڳ
جڳمڳ جرڪنديون نظر اينديون آهن ڏسڻ سان روح
کي راحت اچي ويندي آهي ۽ محسوس ٿيندو آهي ته
واقعي محمد رفيع ”زندگی میں ایک بار آنا سنگاپور“
وارو گانو خوامخواه نه ڳايو آهي.

ٻي ڏينهن صبح سوير آئي سنگاپور اسٽيشن تي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ماکب تي پهتي. آتي اسان کان سنتوسا ۾ داخل ٿيڻ
جي ٽڪيٽ ورتي ويئي. سنتوسا منهوڙي جيان هڪ
وڏو ٻيٽ آهي. جنهن کي حڪومت هڪ لاجواب
ٽوئرسٽ پوائنٽ بڻائي ڇڏيو آهي. آتي توهان کي
ڪئبل ڪار، بيچ، سُوئمنگ لئگون (swin.i·g Lagon)
فورٽ سلوسو (Fort Siloso) ۽ ٻيون ڪيتريون ئي
شاندار تفريحي جڳهيون ملنديون. سنتوسا ٻيٽ گهمڻ
لاءِ هڪ هنڌ کان ٻي هنڌ وڃڻ واسطي هرگهڙي بس
موجود ملندي. توهانکي بس لاءِ هڪ منٽ به انتظار نه
ڪرڻو پوندو. بسن جو ڀاڙو سنتوسا جي داخلا في ۾
شامل هوندو آهي. آها به حقيقت آهي ته جنهن سنگاپور
نه ڏٺو تنهن ڪجهه به نه ڏٺو ۽ وري هن ۾ به ڪو
وڌاءُ ڪونهي ته جنهن سنتوسا نه ڏٺو تنهن سنگاپور نه
ڏٺو. سنتوسا جي پر فضا مقام تي اسان سندس رنگيني
۾ اهڙا ڪوئجي وياسين جو سڌ ئي نه پئيسون ته شام
ٿي ويئي آهي. شام جي ڳاڙهاڻ سڄي وايو منڊل کي
سونو روپهو ڪري ڇڏيو هو. جڏهن اسان لانچ ۾ واپس
وري رهيا هئاسين تــه اياز جو هيءُ شعر سندم دل ۾
هُري رهيو هو:

ڪونـــاري جيئن ڪيٽي بندر
سانجهيءَ ســــون پکهاريو آهي
آڳـــل پاڇل واڍ ڪپيءَ تـــي
ٻيڙيءَ ٻيڙيءَ هــاريو آهـــي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ملائيشيا لاءِ ١٥ ڏينهن جي ويزا ملي. اسان پنهنجي ٽڪيٽ ڪيڏي گارڊ کي ڏني جنهن اسان کي پنهنجي بوگي ۽ سيٽ جو ڏس ڏنو. اسان آساني سان پنهنجي سيٽ تي پهچي وياسين ۽ ٽرين صحيح وقت تي رواني ٿي. اهڙيءَ ريت جوهرو بهرو (Johru Bahru) ريلوي جنڪشن اسانکي سنگاپور کان ڌار ڪري ملائيشا ڏانهن روانو ڪري ڇڏيو.

—



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

# ملائشيا

سنگاپور کان ڪولالمپور جو سفر اٽڪل ساڍن ڇهن ڪلاڪن جو سفر آهي. پر ٽرين جي آرام ده ماحول ۾ ٻاهر جي سرسبز ۽ سهڻن نظارن ڪري ساڍن ڇهن ڪلاڪن جو وقت ائين گذري ويو جو ڄڻ ته چند گهڙين جو معاملو هو. ٽرين ۾ سچي واٽ وي. سي. آر تي فلمون ۽ موسيقي جا پروگرام ڏيکاريندي هليا. پر انهن کان وڌيڪ پُرڪشش ۽ پُرڪيف آهي قدرتي نظارا هئا جيڪي ساڍن ڇهن ڪلاڪن تائين اسان ساڻ رهيا. هتي ته ڏور اوير جو سڄو خطو قدرتي نظارن سان مالا مال آهي پر ملائشيا ۽ انڊونيشيا ته وڻڪار، سبز زارن ۽ قدرتي نظارن سان جهنجهيا پيا آهن. ملائشيا جو سڄو ملڪ لائيم اسٽون (Lime Stone) (پورو پٿرن) جي ٻهاڙين مٿان ساوڪ ۽ وڻن سان پريو پيو آهي. ملائشيا ۾ ديدون به گهڻيون آهن. ساوڪ ۽ سرسبزي جو هيءَ عالم آهي جو اسان هڪ هفتو اتي هياسين پر اسانکي هڪ چوڪڙي زمين جي به ساوڪ کان خالي نظر نه آئي. ملائشيا ۾ گهڻائي مسلمانن جي آهي. آدهي کانپوءِ وڏي آبادي چينائين جي آهي. هن



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ڪان اڳ اسلامي سربراه ڪانفرنس جو جيڪو جنرل سيڪريٽري ٽنڪو عبدالرحمان هو سو ملائشيا جو رهاڪو هو، هتي ملائشيا ۾ برطانوي طرز جي پارليامينٽري جمهوريت آهي. هتي به هندستان ۽ پاڪستان وانگر انگريزن وڏي عرصي تائين حڪومت ڪئي. ِهنن نام ڪئين مهذب اچن انسانن ايشيا ۽ آفريڪا جي اڪَٺ دولت ڪي لٽڻ لاءِ آتي جي مظلوم قومن سان جيڪي ويل وهايا سي تاريخ جي صفحن ۾ محفوظ آهن. اڄ به اِهي سامراجي ملڪ پنهنجي C.I.A ۽ اقتصادي چالن سان اِنهن مظلوم قومن جو رت چوسي رهيا آهن. ملائشيا بي انتها استحصال جي باوجود به هينئر جيڪڏهين امير ملڪ نہ آهي تہ غريب بہ ڪونهي. هتي جي رومان پرور سرزمين ربڙ، چانور، ڪوڪونٽ، پام آئل، ٽن مائينز ۽ ڪروڊ آئل جي دولت سان سٽي پٽي آهي. ملائشيا خاص ڪري ربڙ ۽ پام آئل جي پيداوار ۾ دنيا جو نمبر پهريون ملڪ آهي. هتي سياح تمام وڏي تعداد ۾ ايندا آهن. اِهو بہ آمدني جو وڏو وسيلو آهي.

ملائشيا نالي ۾ تہ اسلامي ملڪ آهي پر هتي شراب ۽ سوئر جو گوشت عام ۽ سر بازار ملي ٿو. اسان جڏهن پهرئين ڏينهن ملائشيا ۾ پهتاسين تہ پنهنجي هوٽل جي آجيان ڪندڙ چوڪريءَ کان پڇيوسين تہ رمضان جو مهينو آهي، هتي ڪائونٽر تي ڪا بندش تہ ڪانهي. هن جواب ۾ مرڪي ڏنو ۽ چيائين هتي اهڙي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ڪِبه پابندي ڪانهي. هنڪي پاڻ انهي ڳالهه جي پڇڻ تي تعجب ٿيو ۽ چيائين- ”ڇا، اهڙو به ڪو ملڪ آهي جنهن ۾ رمضان ۾ کائڻ پيئڻ تي پابندي هوندي آهي؟“ آئون موٽ ۾ مرڪي ماٺ ٿي ويس. اسان ڪولا لمپور ۾ هوٽل شيراز ۾ ترسياسين. اسان جيترو وقت به ملائيشيا ۾ رهياسين ته اسانکي رمضان جي موجودگيءَ جو احساس ئي نه ٿيو. ملائيشيا، بئنڪاڪ ۽ سنگاپور رمضان جي لحاظ کان هڪجهڙا هئا.

ٻئي ڏينهن صبح سوير اسان پودورايا بس اسٽاپ پهتاسين، جتان ايئرڪنڊيشن ڪوچ ذريعي جينٽنگ هاءِ لينڊس (Geenting High Lands) روانا ٿياسين. جينٽنگ هاءِ لينڊس ملائيشيا جي بهترين هل اسٽيشن (Hill Station) آهي ۽ ڪولا لمپور کان اٽڪل ٣٦ ميل پري آهي. جيئن ته اها مٿي پهاڙ تي آهي انهيڪري ان تائين پهچڻ ۾ ٿورو زياده وقت يعني ڪلاڪ سوا ڪلاڪ لڳيو وڃي. جينٽنگ هاءِ لينڊ تمام سهڻي ۽ پُر فضا جڳهه آهي. سچ پچ مونکي ته ڏاڍي وڻي. لوڪ ڪهاڻين جي پرستان وانگي ٿي لڳي. هڪ ته مقام/جڳهه قدرتي حُسن جي لحاظ کان سٺي هئي پيو ته ملائيشيا سرڪار جي توجه ۽ محنت هنکي چار چنڊ لڳائي ڇڏيا هئا. هتي سياحن واسطي هر قسم جي سهوليت مهيا آهي. مثلن ڪيبل ڪارن جو بهترين بندوبست، انٽرنيشنل معيار جون بهترين ڪئسينو، گاف ڪورس، گرم پاڻيءَ



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

جو تلاءُ، ٽينس ڪورٽس، راندين جا اسٽيڊيم، ٿيئٽر، شاندار سئنيما گهر، باغ ۽ چينائي مندر وغيره.. مزي ۽ حيرت جي ڳالهه هيءَ ته ايڏي اوچائي واري هنڌ تي هڪ هٽرادي ڍنڍ ڏاهي اٿن جنهن ۾ پيڙين وسيلي گهمڻ جو بندوبست ٿيل آهي. اسان وٽ ڪينجهر جهڙي قدرتي ڍنڍ به بي بلي تي پئي آهي. اِنهي ڪينجهر کي جيڪڏهن ٽورسٽ اسپاٽ بنائجي ته سوين ۽ هزارين سياح هر سال سنڌڙيءَ جي اِها سونهن ڏسڻ اچن ۽ ڪينجهر جي سهڻي رومان پرور ماحول جا اڻ اڻ مٽ تاثرات حياتي تائين نه وسارين.

هيٺ جـــر مٿي ميڄر، پاسي وڻــراهه
اچي وچــي وچـــ ۾ تماچيءَ جي ساهُ
لـڳي اُتر واءُ ته ڪينجهر هندورو ٿئي.

---

هيٺ جر مٿي ميڄر، ڪنڌيءَ ڪونئر تَرن
لـڳي واهوندن، ته ڪينجهر ڪٿوري ٿئي.
لطيف

ها، سو ڳالهه پئي ڪيم هل اسٽيشن جي هتي رهڻ لاءِ تمام سٺيون فرسٽ ڪلاس هوٽلون آهن. هتي سياح تمام گهڻا ايندا آهن. تنهنڪري اسانکي مقامي ماڻهن جي مقابلي ۾ ٻاهريان ماڻهو گهڻا ڏسڻ ۾ آيا. سنگاپور وانگر هتي به ٽيڪسين، هوٽلن، سپر مارڪيٽن ۽



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ٻئنڪن وارا انگريزي سمجهندا آهن. انهيءَ ڪري ڪم ڪرائڻ ۾ ڪابه تڪليف نه ٿيندي هئي. پنهنجي ملڪ کان ٻاهر ڌاريون اهم مسئلو هوندو آهي ٻوليءَ جو. توهان ڪيترا به ڏاها ۽ اعليٰ تعليم يافته هجو پر جي اُن ملڪ جي ٻوليءَ کان بيخبر آهيو ته پوءِ توهان ۾ ۽ گونگي ۾ ڪوبه فرق نه آهي. اشارن جي وسيلي پيا ڪم هلايو. ڳالهه ٻولهه تي جهڙي سينسر شپ لڳل .... يا ....

زبانِ يارمن ترڪي ومن ترڪي نمي دانم.

اسان اهو سڄو ڏينهن جنيٽنگ هاءِ لينڊس تي گذاريو ۽ رات جو اٽڪل ۹-۴۰ منٽن تي ڪوالالمپور لاءِ روانا ٿياسين. واپسيءَ ۾ اسان کي ٿورو وقت لڳو چاڪاڻ ته لاهيءَ تي لهڻ ۾ گهٽ وقت لڳندو آهي.

ٻئي ڏينهن اسان سڄو وقت شهر گهمڻ ۾ صرف ڪيو. شهر تمام صاف سٿرو هو. رستا ويڪرا هئس ۽ ٽريفڪ جو به تمام سٺو انتظام ٿيل هو. گهمندي ڦرندي اسان نيشنل ميوزم (قومي عجائب گهر) جامع مسجد ۽ جالان آپانگ (Jalan Apang) وياسين. ڪوالالمپور ۾ سياحن لاءِ ٻئنڪاڪ وانگر ڪافي ڊيوٽي فري شاپس آهن. جتي توهان پاسپورٽ ۽ ٽڪيٽ ڏيکاري دڪان تي موجود ڪابه شئي بازاري اگهه کان به گهٽ قيمت



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

نشانو بنايو آهي.

اسرائيلين جي هٿان مظلوم فلسطينين جو بي وطن بنجڻ ۽ لبنان ۾ سندن قتل عام ٿيڻ ڪنهن جي چرچ ۽ هٿشي تي آهي؟ سائوٿ آفريڪا جي نسل پرست حڪومت خلاف عالمي آواز کي سلامتي ڪائونسل ۾ ويٽو ڪرڻ ڪنهن جي ڪارستاني آهي؟ آمريڪا کان سواءِ اهڙو ڪنو ڪم ٻيو ڪهڙو ملڪ ڪندو ته، "جيڪو به ملڪ جنرل اسيمبلي ۾ اسرائيل خلاف لازمي پابندين جي حق ۾ ووٽ ڏيندو تنهن جي خلاف اسان اهڙي ڪارروائي ڪنداسين جو انجي نتيجن جو اندازو نٿو لڳائي سگهجي." حيرت ته انهن عرب ۽ مسلمان ملڪن تي آهي جيڪي پنهنجي پيش ڪيل ٺهراءَ تي آمريڪا کي اسرائيل جي طرفان ننگو ٿيندي ڏسڻ جي باوجود اُن جي لابيءَ جي زينت بنيا ويٺا آهن. مصر ۽ ترڪي ته آمريڪي ڌڙڪي کان اجلاس ۾ ئي حاضر نه رهيا. اِنهي ڪانپوءِ به آمريڪا دعويٰ ڪري ٿو ته هو مظلومن جو ساٿي ۽ دوست آهي.

تفو بر تو اي، چرخ گردان تفو.

عالمي سطح تي آمريڪي سامراج جي انٽر نيشنل ڍوُنڍي بي-بي-سي آهي، جيڪا پولينڊ جي پورهتين لاءِ ته ڏاڍا ڳوڙها ڳاڙي ٿي پر جڏهن خود آمريڪا ۾ ايئرمينن هڙتال ڪئي ته آمريڪي سرڪار انهن پورهتين



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

هندَ جتي تاريخ کان اڳ (Pre Age) جي دور جي انسانن ۽ جانورن جا پلاسٽڪ جا بُت رکيل هئا. انهن کي سياحن ڏاڍي دلچسپي سان ڏٺو ٿي.

شام جو اسان ربڙ جي ڪارخانن ۾ وياسين پر آتي ڏپ تمام گهٽي هئي. جنهن ڪري نڪ تي رومال رکندي حليم چيو، ”پڇ تہ پڇون، نہ تہ بي هوش ٿي ويندا سين.“ سو پڇي جان ڇڏائيسين.

هتي ڏينهن شهر جي پرسان ربڙ جا پيلا ڏسڻ وياسين. ربڙ بنهہ ڪمائتي شئي آهي— هن مان هوائي جهازن جي ٽائرن کان وٺي ويندي پينسل جي اکرن ڊاهڻ جا ربڙ ٺهندا آهن. ربڙ جي وڻن مان گهاٽي چپڪندڙ رس نڪرندي آهي. جنهن مان ربڙ جون شيون ٺهنديون آهن. ملائيشيا ۾ ربڙ جا پيلا هزارن جي تعداد ۾ آهن ۽ هزارين ميلن ۾ پکڙيل آهن. ملائيشيا زراعت سان گڏ صنعت ۾ بہ چڱو سڌريل ملڪ آهي. ١٩٨١ع جي ورلڊ بئنڪ رپورٽ ۾ ملائيشيا ۽ ڪوريا کي ترقي پذير ملڪن جي ڀيٽ ۾ تيزيءَ سان صنعتي ترقي ڪندڙ ملڪ ڄاڻايو ويو آهي.

اڄ رات اسانکي واپس وطن ورڻو هو انهي ڪري جلد ڪمري تي موٽياسين ۽ ٽپڙ ٽاري سهيڙي سنڀالي ڪوالالمپور جي انٽر نيشنل ايئرپورٽ لاءِ ٽيڪسي ۾ سوار ٿياسين ۽ ٽيڪسي رستا چير يندي ايئر پورٽ ڏانهن ڊوڪڻ لڳي. اسان ملائيشيا تي موڪلائي واري نظر وجهندا



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

وطن جي واڌارن کي ساريندا اچي اڏي پيڙي تياسين.

---



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

# جپان

آءٌ ۽ عبدالحڪيم شاهه صبح سوير ٽئڪسي ۾ هانگ ڪانگ هوائي اڏي تي سهڙياسين، جتان ايئر انڊيا جي آڏام "٣١٦" ۾ ٽوڪيو لاءِ روانا ٿي وياسين. جيئن تہ صبح سوير اٿيا هئاسين ۽ تڪڙ بہ هئي اِنهيڪري ناشتو نہ ڪري سگهياسين. جهاز ۾ ناشتي ملڻ جي اميد تہ هئي پر ٻُڪ وڌندي پئي ويئي. هوائي اڏي تي چانهہ پيتسين پر بسڪوٽ يا سنيڪس اِنهيڪري نہ کاڌاسين تہ متان بک مري وڃي ۽ جهاز وارو ناشتو کائي نہ سگهون.

جهاز جي انتظار دوران ڊيوٽي فري شاپس تان مختصر نموني جي خريداري بہ ڪئيسين. هي سموري خريداري اسان سنگاپور مان ڪري ڇڏي هئي. اسانکي خبر هئي تہ هانگ ڪانگ شاپنگ جي خيال کان ٺيڪ نہ آهي، ڇاڪاڻ تہ هتي نقلي شيون جام هلندڙ آهن. جپان مان خريداري جو خيال اِنهيڪري لاهي ڇڏيو هئوسين جو جپاني شيون جپان جي ڀيٽ ۾ سنگاپور ۾ وڌيڪ سستيون ملن ٿيون. اِنهيءَ جو سبب اِهو آهي تہ



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ويٽر جو ايئر انڊيا جي چٽڪمري پوشاڪ پهريندڙ يون
آهن ته رهيل سهيل ڪسر به پوري ٿي ويندي آهي.
خبر نه آهي ته ڇو اُنهيءَ هندستان، جنهن جي جمنا
گهاٽ تي سُونهن جا سوين سينگار هوندا آهن ۽ جنهن
۾ ڪشمير جهڙيون پري چهره ناريون آهن، انهن جي ايئرلائين
۾ ههڙا بدصورت چهرا آندا ويا آهن. ايئر انڊيا جي
سفر ۾ صرف هڪ شيءِ وڻندڙ هوندي آهي سا هيءَ
ته سڄي سفر دوران ايئر فون تي بهترين نوان ۽ پراڻا
گانا ٻڌي سگهجن ٿا. خاص طرح ڏينهن جي وقت سفر
جون گهڙيون مزيئي ڇگيون گذريو وڃن. ملڪ کان
ٻاهر پي – آءِ – اي جي سروس ايئر انڊيا جي ڀيٽ ۾
وڌيڪ سٺي آهي ۽ ڪاڏو به سٺو اٿس.

اسان ڇئن ڪلاڪن جي لڳاتار سفر ڪانپوءِ جپان
جي گاديءَ واري شهر ٽوڪيو جي ناريتا (Narita)
هوائي اڏي تي پهتاسين. ٽوڪيو جو شهر دنيا ۾
آباديءَ جي لحاظ کان وڏي ۾ وڏو شهر آهي. هن
شهر ۾ ٻه هوائي اڏا آهن. جهاز هوائي اڏي جي عمارت
سان گڏ لڳو. اسان هيٺ لهي هيلٿ ڪارڊ هيلٿ ڪائونٽر
وارن جي حوالي ڪري اميگريشن جي ڪائونٽر تي
پهتاسين. مسافر اٽڪل هڪ سؤ کن هئا. هر فلائيٽ لاءِ
الڳ ڪليئرنس سولي هو، جنهن ۾ ڪسٽم، هيلٿ ۽
اميگريشن اچي ويا ٿي. تنهن ڪري اچڻ يا وڃڻ وقت
ڪنهن به قسم جي دير يا رش نه ٿيندي آهي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

هر ملڪ ۾ پنهنجي قانون ۽ قاعدي پٽاندڙ ڪيترن ماڻهن جي اچڻ تي بندش هوندي آهي، جن ۾ سياسي ماڻهو، جاسوس، انٽرنيشنل سمگلر، سماج دشمن عناصر ۽ مشڪوڪ قسم جا ماڻهو اچي وڃن ٿا. اِنهي لاءِ اميگريشن وارن وٽ اهڙا رجسٽر به رکيل هوندا آهن جن ۾ هزارن جي تعداد ۾ اهڙا نالا لکيل هوندا آهن. اِنهيڪري نالا چيڪ ڪري پوءِ اسٽئمپ هڻي ملڪ ۾ گهڙڻ جي اجازت ڏيندا آهن. اِنهيڪري رش نه هئڻ جي باوجود به ڪن هوائي اڏن تي دير تي ويندي آهي. دنيا جي سُدريل ملڪن ۾ اِنهيءَ ڪم ڪي جلد اُڪلائڻ لاءِ ڪمپيوٽر استعمال ڪيا ويندا آهن. نه رجسٽر جي پنن اُٿلائڻ جي زحمت نه ڪا گهولا قولا. صرف پريل ڪارڊ (Embarcation Card) چڪاس لاءِ ڪمپيوٽر ۾ وڌو ويندو آهي ۽ سيڪنڊ ۾ جواب ملي ويندو آهي ته همراه مشڪوڪ قسم جو ماڻهو آهي يا نه. اِنهيءَ ريت عام طرح مسافر کي به محسوس ڪونه ٿيندو آهي ته هنجو نالو پيا چڪاسين. پر اڪثر جيٽ سيٽ (Jet Set) لائيف گذارڻ وارن کي يڪدم محسوس ٿي ويندو آهي ته همراه ڇا پيا ڪن.

آءٌ جڏهن قطار ۾ هلندو اميگريشن ڪائونٽر تي پهتس ته اميگريشن آفيسر سواءِ ڪنهن سوال پڇڻ جي مهني جي لاءِ ويزا ڏيئي ڇڏي. اڪثر ڏٺو ويو آهي ته اسٽئمپ لڳڻ ڪانپوءِ ماڻهو پاسپورٽ



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ڪيسي ۾ وجهي اڳتي ڌ وڙندا پنهنجي سامان لاءِ ڌ ڪندا وتندا آهن. پر اهو طريقو غلط آهي. آفيسر جي اسٽئمپ ڪانپوءِ پنهنجي پاسپورٽ جي چڪاس ڪرڻ گهرجي ته ويزا گهٽ ڏينهن جي ۽ ڪهڙي قسم جي ملي آهي. ڪڏهن ڪڏهن ائين به ٿيندو آهي ته اسٽئمپ لڳائڻ وسري ويندي آهي ۽ اهين پاسپورٽ واپس ڪري ڇڏيندا آهن. پوءِ وچڙ وقت يا شهر ۾ ڪنهن ڊيوٽي فري شاپ تي يا ٽريول ايجنٽ وٽ ٽڪيٽ وٺڻ وقت يا ڪنهن سفارتخاني ۾ ويزا وٺڻ وقت وڏي دشواري پيش ايندي آهي. ازانسواءِ اها ڳالهه به قانوني طرح ڏوهه آهي ته پاسپورٽ تي ارائيول اسٽئمپ نه هجي. ٿوري تڪڙ يا لاپرواهي سبب خوامخواه ڪيترين مشڪلاتن کي منهن ڏيڻو پوندو آهي. انهيءَ ڪري هر ماڻهوءَ کي هن ڳالهه جو خاص خيال رکڻ گهرجي.

هتي جڏهن مون پاسپورٽ تي نظر وڌي ته هڪ عجيب ڳالهه محسوس ٿي. عجب انهيءَ ڪري ٿيم جو دنيا جي هر ملڪ جي اميگريشن اسٽئمپ تي اُن ملڪ جو نالو ضرور ڇاپيل هوندو آهي. مثال طور- توهان جڏهن لنڊن، پئرس، منيلا، ڪوالالمپور، بئنڪاڪ ۽ ڪراچي هوائي اڏي تي پهچندا ته اميگريشن وارا جيڪا اسٽئمپ هڻندا اُن تي تاريخ سان گڏ هيءَ لکت به هوندي-

گريٽ برٽن لنڊن اميگريشن، فرانس پئرس اميگريشن،



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

فلپائن منيلا اميگريشن ، ٿائيلنڊ بئنڪاڪ اميگريشن
۽ پاڪستان ڪراچي اميگريشن.

پر هيءَ دنيا جي پهرين اميگريشن اسٽئمپ هئي جنهن تي نه جاپان لکيل هو ۽ نه ٽوڪيو. صرف هي لفظ لکيل هئا:

”ناريتا اميگريشن آفيسر.“ هي نئون انداز مونکي ڏاڍو وڻيو. هونئن به عربيءَ جي چوڻي آهي ته - ڪل جديد ”لذيذ“ (يعني هر نئين شئي وڻندڙ ٿيندي آهي.)

سامان اسان کان اڳ پهچي چڪو هو سو ڪٽي ڪسٽم ڪائونٽر تي آياسين. ڪسٽم وارا ڪي بنهه شريف ماڻهو هئا، تن سامان ۽ اسانجون صورتون ڏسي هٿ سان اشارو ڏنو ته گولي تي وڃو. اسان سامان سهيڙي سڌا ٽوئرسٽ انفرميشن ڪائونٽر تي آياسين، جتان شهر جو نقشو ۽ انڊرگرائونڊ ٽرين جو نقشو، (جيڪو آخري صفحي تي ڏنل آهي.) جپان ۽ ٽوڪيو بابت معلوماتي ڪتابڙا وٺي وري سڌو هوٽل رزرويشن ڪائونٽر تي آياسين. ٽوڪيو ۾ ڪيترين ئي عاليشان آرام ده ۽ فرسٽ ڪلاس هوٽلون آهن. انهن هوٽلن ۾ گهڻو ڪري مغربي طرز جا ڪمرا آهن. جيڪڏهين ڪنهن مسافر کي روايتي جپاني طرز جي روم ۾ رهڻ جو شوق هجي ته اکوات چوڻ سان هوٽل انتظاميه اهڙو بندوبست به ڪري ڏيندي آهي. جيڪڏهين گهٽ

فور اسٽار هوٽل آهي ۽ گنزا جي علائقي ۾ آهي، جيڪو ٽوڪيو جو سٺي ۾ سٺو علائقو آهي، تنهن لاءِ ڪوپن ورتو. هن هوٽل جي ڊبل ڪمري جي مسواڙ ٽئڪس سميت اٽڪل ١٣٠٠/٠ سؤ رپيا هئي. هوائي اڏي تان ٽوري ڪرنسي بہ ورتيسين. وڌيڪ وٺڻ انهيءَ ڪري مناسب نہ سمجهيسين جو ٻين شهرن ۾ اهو تجربو ٿيو هو تہ هوائي اڏي جي ڀيٽ ۾ شهر ۾ مٽا سٽا ۾ وڌيڪ پئسا ملن ٿا. شهر وچ لاءِ زمين دوز ريلوي آهي، جنهنکي جپان ۾ سب وي (Subway) سڏين ٿا. رهتي بسون ۽ ٽيڪسيون هر گهڙيءَ موجود ملن ٿيون. اسان بس لاءِ اڳ ۾ ڪوپن وٺي ڇڏيو هو، جنهن جو ڀاڙو ٿيو ٢٤٠٠ يين (جپاني سڪو). انهيءَ بس اسانکي آڻي ٽوڪيو سٽي ايئر ٽرمينل تي ڇڏيو. جتان اسان ٻي سواري ۾ هوٽل پهتاسين. اسان جيڪڏهن هوائي اڏي کان سڌا هوٽل تائين ٽئڪسي ۾ اچون ها تہ گهٽ ۾ گهٽ ٨٠٠ سؤ روپيا ڀاڙو ڀرڻو پوي ها. ٽوڪيو جهڙي طرح دنيا جو وڏي ۾ وڏو شهر آهي، اهڙيءَ طرح دنيا جو مهانگي ۾ مهانگو شهر بہ آهي، رهتي آءٌ صرف بہ ٽي مثال ڏيان ٿو جنهن مان، توهان بخوبي اندازو لڳائي سگهو ٿا تہ مهانگائي جي صورتحال ڇا آهي.

اسان پهرين رات هڪ هندستاني مدراسي جي هوٽل ۾ ماني کائڻ وياسين. هوٽل جو نالو 'تاج' هو. اسان يعني مون ۽ عبدالحڪيم شاهہ مانيءَ ۾ هڪ مغز



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

مصالحو، هڪ چڪن مصالحو، چار نان ۽ ٻه سيون اپ بوتلون گهرايون. جنجو بل اٽڪل سادا ڇهه سئو روپيا ڏنوسين. هتي چانهه جي هڪ ڪوپ جي قيمت هئي ٣٥ روپيا.

اسان هڪ پيري هوٽل گنزا ۾ رکيل آٽو ميٽڪ مشين ذريعي جوتو پالش ڪيو. جنهن ۾ اسان پهريائين ٣٠ روپيا وڌا، تڏهن مشين هلڻ شروع ڪيو. اسان پهرين هڪ پير جو جوتو پالش لاءِ مشين ۾ رکيو، جڏهن آهو پالش ٿي ويو ته ٻوءِ ٻيو جوتو رکيوسين. جپان ۾ اهڙي مهانگائي آهي جو جيڪو ماڻهو جپان گهمي وري ٻي ملڪ ويو هوندو ته آتي ڪيس پئسا خرچ ڪندي مهانگائي محسوس نه ٿيندي هوندي.

اسان ايئرٽرمينل بلڊنگ کان ٻاهر نڪتاسين ته سِٽي ايئر ٽرمينل لاءِ ڪيٽريون بسون بيٺل هيون. اسان پهرين نمبر بس ۾ ڪوپن ڏيکاري پنهنجي نمبر واري سيٽ تي ويٺاسين. ٽوڪيو شهر ناريتا انٽر نيشنل هوائي اڏي کان تمام گهڻو پري آهي. شايد ئي دنيا ۾ ڪو هوائي اڏو شهر کان ايڏو پري هجي. هوائي اڏي کان سٽي ٽرمينل (City Terminal) تائين پهچندي اٽڪل ٧٠ – ٨٠ منٽ لڳي ويندا آهن، جڏهن ته رستا ٻه تمام سٺا ۽ ويڪرا آهن ۽ ٽريفڪ تي ٻه سٺي نموني ڪنٽرول ڪيو ويندو آهي. اسان شهر ۾ پهريائون سٽي ٽرمينل تي پهتاسين، جتان سامان ڪٺي ٽيڪسي ڪري پنهنجي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

اسان به پئسا وجهي ٻٽڻ دٻايو ته سيون آپ ٽين جي ڊٻي ۾ بند بلڪل ٿڌي اچي هيٺ ڌڪاءُ ڪيو. اسان اهڙا ٻه ڊٻا ڪڍي پيتا ۽ خالي ڊٻا وري اهڙن ڊٻن لاءِ رکيل کوکي ۾ ڦٽا ڪري ڇڏياسين. پاڪستان ۾ ملندڙ سيون آپ يا ٻئي ڪنهن سافٽ ڊرنڪ جي ذائقي ۽ ٻاهرين ملڪن جي سافٽ ڊرنڪس جي ذائقي ۾ زمين آسمان جو فرق هوندو آهي. جپاني قوم ۾ انفرادي يا اجتماعي طرح صفائي رکڻ جي جيڪا ساڃاهه آهي سا شايد ئي ڪنهن ٻي قوم ۾ هجي. رستي هلندي نه ڪٿ ڪچرو نظر ايندو ۽ نه سگريٽن جا ٽوٽا. رستا، فٽ پاٿ ۽ جڳهيون اهڙيون صاف جو چمڪن پيون.

جيئن ته گهمندي ڦرندي ڪجهه وقت لڳي ويو انهيءَ ڪري انڊين ريسٽورنٽ 'اشوڪا' جي ٻچا ڪري اچي هوٽل پيڙا ٿياسين. هوٽل رسيپشن تي ويٺل مدراسي نوجوان ورما ٻلي ڪار ڪندي افسوس سان ٻڌايو ته جيئن ته ڪافي دير تي پهچي هئي انهيءَ ڪري ماني ختم ٿي ويئي آهي. اسان چيس ته اسان جهاز ۾ نيرن به سٺي نه ڪئي هئي انهيءَ ڪري هاڻي ڪافي بُک محسوس ٿي رهي آهي. توهان مهرباني ڪري ڪجهه نه ڪجهه تيار ڪرائي ڏيو. پاڻ وراڻيائين ته اسانجو ڪچن اسٽاف وڃي چڪو آهي جنهن ڪري هو مجبور آهي. هن شريف ماڻهوءَ ايترو ڪيو جو ٻين انڊين هوٽلن تي ٽيليفون ڪري معلوم ڪيائين پر پتو پيو سڀني باسي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

۾ جملي ٢٠ ماڻهو ڪن هونداسين. سڀ ماڻهو ڪٺا ڪانپوه پاڻ (يعني گائيڊ) پنهنجو تعارف ڪرايائين ۽ پوءِ هر هڪ ڪان پنهنجو پنهنجو تعارف ڪرائيندي ويئي. جپان ۾ ائين ڪٿي ڇئجي ته ماڻهو انگريزي صفا ڄاڻن ئي ڪونه. پر جي ڪٿي ڄاڻن ته به ڳالهائيندا ڪونه. هن سونهين ڇوڪريءَ (Guide Girl) انگريزي تمام سٺي رواني سان ڳالهائي پئي. هن اسانکي ٻڌايو ته جپان ۾ هڪ به انگريزي اسڪول نه آهي. جيڪڏهين ڪنهن کي انگريزي سکڻي هوندي آهي ته ڪنهن ٻاهرئين ملڪ وڃي سکڻي پوندي آهي يا وري ملڪ اندر ڪنهن انگريزي ڄاڻندڙ ڪان انگريزي پڙهڻي پوندي آهي. اِنهي لاءِ رقم تمام گهڻي خرچ ٿيندي آهي. جپان ۾ انگريزيءَ جو چرچو اِنهيڪري عام نه آهي جو جپان ڪڏهن به انگريزن جي ٻيٽڪ نه رهي آهي. هر حاڪم طاقت پنهنجي ٻيٽڪ ۾ پنهنجي ٻولي ۽ ثقافت کي محڪوم قوم مٿان مڙهيندي آهي. جنهنڪري حاڪمن جي ٻولي عام ٿي ويندي آهي. آفريڪا کنڊ جي جن ٻيٽڪن تي انگريزن جو قبضو رهيو آتي انگريزي عام ٿي ۽ جن تي فرانسين جو قبضو رهيو آتي فرينچ ٻولي ڳالهائي وڃڻ لڳي ۽ جتي اسپين جو قبضو رهيو آتي اسپيني ڳالهائڻ ۾ آئي. تقريباً سڄي دنيا ۾ ائين ٿيندو رهيو.

ٽوڪيو شهر ٻن حصن ۾ ورهايل آهي. هڪ حصي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ماضيءَ جي تلخ يادن جي باوجود آمريڪا جو ساٿي بڻائي رکيو آهي. ٻين ايشيائي ۽ ڏور اوڀر وارن ملڪن ملائيشيا، انڊونيشيا، ٿائيليند، سنگاپور، هانگ ڪانگ ۽ فلپائن وانگر جاپان ۾ به آمريڪي لابي واري پروپيگنڊا اوج تي هئي.

هاڻي اسانکي پري کان ٽاور ڏسڻ ۾ اچي رهيو هو. ٽوڪيو ۾ جيڪڏهن ڏکيون ڏکيون عمارتون نه هجن ته جيڪر ٽاور هر هنڌ کان ڏسڻ ۾ اچي. پر گهڻ ماڙ عمارتون ٽاور کي گهيريو بيٺيون آهن جنهن ڪري ٽاور ڏسڻ ۾ نٿو اچي سگهي. اسانجي وڏن اچي ٽاور جي هيٺان بيٺي. اسانجون ٽڪيٽون اڳ ۾ ئي ٽوئر وارن خريد ڪري ڇڏيون هيون. ٽاور ۾ داخل ٿيڻ جي في ڄڻو ريٽ آهي. وڏن لاءِ ٦٠٠ يين ۽ اسڪولي ٻارن لاءِ ٣٥٠ يين. ڪنڊر گارٽن جي شاگردن لاءِ ٢٠٠ يين. ٽاور جي اندر واري عجائب گهر ۾ داخلا في ڄڻو ريٽ آهي:

وڏن لاءِ ٤٥٠ يين.

اسڪولي ٻارن لاءِ ٤٠٠ يين.

ڪنڊر گارٽن شاگردن لاءِ ٤٠٠ يين.

اسان سيٺي لفٽ ذريعي ٽوڪيو ٽاور جي ٻي طبق (11 nd Floor) تي پهتاسين. ٻي طبق تي هوٽلون، ڪافي گهر ۽ خريداري لاءِ ڪيترائي دڪان هئا. اٺا

صبح جو ٽاڻو هو انهيءَ ڪري ڪوهيڙو تمام گهڻو ڇانيل هو. جنهنڪري سڄو شهر ڪوهيڙي جي ڇار ۾ ويڙهيل هو. مون اندازو لڳايو ته جيڪڏهن ڪوهيڙو نه هجي ها ته سارو شهر پنهنجي حسن و جمال ۽ رنگينين سان جرڪندو ڏسڻ ۾ اچي ها. ڪوهيڙي ۾ به هڪ پنهنجي نوعيت جي نزاڪت هوندي آهي، مون خليل جبران کي پڙهندي سندس لکڻين ۾ اڪثر لبنان جي ٻهاڙين تي ڇانيل ڪوهيڙي جو ذڪر ڏٺو آهي. هنجي مصوريءَ تي به غور نظر ڪبي ته انهن تي به ڪوهيڙو ڇانيل ڏسڻ ۾ ايندو. ڪوهيڙو درحقيقت شعر و ادب ۾ پُراسراريت جي علامت آهي. ٽوڪيو جي مٿان ڇانيل ڪوهيڙي کي ڏسندي آءٌ تصور جي دنيا ۾ ڪونجي ويس ۽ ويچار جي وهڪري ۾ لُڙهندي نه ڄاڻان ڪٿان ڪاٿان وڃي نڪتس.

ها ــ سو ڳالهه پئي ڪيم ٽوڪيو ٽاور جي. ٽوڪيو ٽاور ٺهڻ جو ڪم ۲۹ جون ۱۹۵۷ع ۾ شروع ٿيو ۽ ۲۳ ڊسمبر ۱۹۵۸ع ۾ ٺهي راس ٿيو. سندس مٿاهون حصو ۲۳ جون ۱۹٦۷ع تي عام ماڻهن جي ڏسڻ لاءِ کوليو ويو. ٽوڪيو ٽاور دنيا جي مشهور ايفل ٽاور ( Eiffel Tower ) کان به وڏو آهي جيڪو پيرس ۾ واقع آهي. ٽوهان جپان جي ماڻهن جي هُنري ۽ ڪاريگري مهارت جو اندازو هن ڳالهه مان لڳايو ته ايفل ٽاور ۷۰۰۰ ٽن لوهه مان ٺهي راس ٿيو، جڏهن



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

۽ ٽوڪيو ٽاور وڏي هئڻ جي باوجود ۴۰۰۰ ٽن لوھ مان جڙيل تيار ٿيو آهي.

ٽاور نارنگي ۽ اڇي رنگ جو آهي. اِنهن ٻن رنگن جي چونڊ جو ڪارڻ اِهو ٻڌايو وڃيٿو ته نارنگي رنگ ڪوهيڙي جي هئڻ جي باوجود پري پري کان ڏسڻ ۾ اچيٿو ۽ اڇو رنگ امن جو نشان آهي. ٽوڪيو ٽاور جي مختلف طبقن (Floors) تي سرڪاري ۽ خانگي ادارن جون آفيسون ۽ شو رومس (Show Rooms) آهن . هيءُ ٽاور جيڪا سياحت جي خيال کان اهم جڳهه آهي، اُتي جپاني جديد ٽيڪنالاجي ۽ هنرمندي جو اعليٰ شاهڪار ٻه آهي. هي ٽاور ٽي وي جي ڪيترن چئنلن ، ٽوڪيو ريڊيو جي ايف ايم سسٽم، گورنمينٽ ريلوي جي مواصلاتي سسٽم، موسميات کاتي، هوائي جهازن جي موسمي معلومات لاءِ اسٽيشن طور پڻ ڪم ايندو آهي.

اسان اٽڪل ڏيڍ ڪلاڪ ٽاور ۾ گهمندا رهياسين. اُتان ڪانپوءِ مشهور امپريل پيلس پلازا ۽ امپريل ايسٽ گارڊن ڏانهن روانا ٿياسين. امپريل پيلس روايتي قسم جو شاهي محل آهي، جنهن جي شان شوڪت جو وڏو چرچو آهي. امپريل پيلس ۾ ۸۱ سالہ پوڙهي بادشاھ هيرو هتو ۽ سندس راڻيءَ جي رهائش آهي. هي محل چوديواري سميت اٽڪل ۲۵۰ ايڪڙن ۾ ڦهليل آهي. هيءُ محل شوگن (Shogun) يعني وچئين دور جي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

چڙي هئي. مختلف مورتين جي عضون جي بيهڪ ۽ چهرن جي تاثرات هڪ مخصوص انداز ۽ فڪر جي عڪاسي ٿي ڪئي.

آءٌ به گهمندي گهمندي ۽ ڏسندي وائسندي هزارها سال پويان جي دنيا ۾ ڪونئجي ويس. مونکي محلن ۾ رهندڙ راجائي گهراڻي جو هي نوجوان سچ جي ڳولا ۾ گيڙو رتو لباس ڪري بن بن ڀٽڪندو ڏسڻ ۾ آيو. هماليه جي پهاڙين ۽ ميداني وادين ۾ هن سچ ڏوريندي پيرَ ڦٽون ڪري ڇڏيا، پر سندس همت هنجو ساٿ نه ڇڏيو، سچ جي تلاش هنجي اَج کي ويتر وڌائيندي رهي. رشين سان رهاڻيون، سنياسين سان ساٿ، جوڳين جون تپسيائون ۽ يوگين جون دم ڪشيون هنجي من کي ويتر ماندو ڪنديون رهيون. هيءَ ڪنهن ازلي آجايل روح جيان شب و روز بيچين، بيقرار ۽ آتو هيو. فلسفي، منطق، يوگ وديا، علم نجوم، رياضي ۽ ڌرمي پستڪن جي مڙني چشمن جي ڇَس چکيندي به هنجي اَج نه اُجهامي:

پچان ڪامان پڇران، لوچيان ۽ لوچيان،
ڌَن ۾ ٿئونس پريڻ جي پيان نه ڍاپان.
جي سمنڊ مَنهن ڪيان ته سَرڪيائي هيڪ ٿئي.

جيڪا مامَ ڌرمي پستڪن نه سمجهائي، جيڪا ڳَنڍ رشين ۽ فلسفين ساڃهه جي نَهن سان نه کولي، تنهن



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

گڏ هڪ بازار هئي. هيءَ بازار بلڪل حيدرآباد جي شاهي بازار وانگر لڳي ٿي. فرق صرف ايترو هو جو اِها اسانجي حيدرآباد واري شاهي بازار جي ڀيٽ ۾ وڌيڪ صاف سُٿري هئي ۽ مٿان سڄي ڇانيل هئي.

اسان جپان جنهن موسم ۾ وياسين سا ڪراچيءَ جي مئي مهيني جهڙي گرم موسم هئي. جپان ۾ گهمڻ جي لحاظ کان اپريل، مئي ۽ سيپٽمبر جي مهينن جي مند موزون هوندي آهي. اِنهن ٽنهي مهينن ۾ وري سيپٽمبر جو مهنو سڀ کان وڌيڪ بهتر هوندو آهي.

اسانجي سياحت جا سونهان يعني ٽوئر وارا اسانکي گنزا ۾ ڇڏي گهمڻ ڦرڻ جا سٺا مشورا ڏيئي موڪلائي ڪري وياه اسان گنزا ۾ سپر مارڪيٽن ۾ چڪر هڻندي ٿوري گهڻي خريداري ڪئي. وقت ڪافي ٿي ويو هو ۽ بک به ستائڻ لڳي سو ٽيڪسي ۾ چڙهي اچي هوٽل آشوڪا وٽ لٿاسين، هوٽل جي مئنيجر ورما اڄ به دير سان اچڻ ۽ ماني نه هڻڻ جو راڳ آلا پيو. اسانجي پيٽ ۾ بک کان آنڊا پي وٽيا سو اسان به هڪ نه ٻڌي نس ۽ چيوسينس ته: اڄ اسين به خالي موٽڻ وارا نه آهيون، تنهنجي ماني رکيل هوندي سا ئي ڪڍي اچ. همراه نيٺ ڪرڪي ڪڍڪي مانيءَ جو آرڊر ورتو. جيستائين ماني اچي تيستائين جپان جي ليبر پرابلمس جي شڪايت ڪندو رهيو. چوي: سائين هتي جپان ۾ مشيني ماڻهو (Rabot) به ايجاد ڪيا اٿن پر تڏهن به ليبر پرابلم



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ٿاهي ڪنهن به وقت پي سگهياسين ٿي، جنهن لاءِ ڪا
به اضافي چارج وصول نه ٿيندي هئي. ڪمري جي
صفائي وقت بستري جي چادرن، وڇاڻن جي چوهن،
ٽوالن ۽ پاڻيءَ لاءِ روزانه ٻه وٿل ڪپڙن بدلائڻ سان گڏ
چانهه، کنڊ ۽ ملڪ ڪريم جا پئڪيٽ به روزانه نوان
رکي ويندا هئا. هوٽل تمام سهڻي نموني سان ضروري
شين سان سجايل هئي. هوٽل جي آپ ٽوڊيٽ هجڻ جو
اندازو هن ڳالهه مان لڳايو ته باٿ روم ۾ به علحده
ٽيليفون لڳل هئي.

ٽوڪيو شهر کي گهمڻ لاءِ ڏينهن جي نه پر مهينن
جي ضرورت آهي. بهرحال اسان به ٿوري عرصي ۾ وسان
نه گهٽايو روزانو بسن، ٽيڪسين، ريلواين ۽ ٽوئر
ڪمپني جي معرفت زياده گهمڻ جي ڪوشش ڪئي.
اِنهي مختصر عرصي جي گهٽي ۾ گهٽي سير و سياحت
دوران مون جپان ۾ چند خاص ڳالهيون ڏٺيون ۽
محسوس ڪيون:

(١)- ٽوڪيو جهڙي ڪثير آبادي واري هيڏي
وڏي شهر ۾ جتي رڳيون ڪارون ئي
ڪارون آهن، آتي سونکي ٽرئفڪ جي
گپا پيهه. بلڪل ڏسڻ ۾ نه آئي. ٽرئفڪ
جي ايڏي بهترين سسٽم جو ڪارڻ ٽرئفڪ
جي جديد سرشتن وارو طريقو آهي. جنهن
۾ هيٺيون ڳالهيون اچي وڃن ٿيون.......



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

وڏا ڪشادا رستا، شهر جي سٽان هڪ ٻئي
مٿان ٽي چار رستا، ٽرئفڪ جا آٽوميٽڪ
سگنل، ٽرئفڪ آفيسرن جي ڊڙني ۾ سنڌ ن
نيون ۾ تيز گاڏيون جن مان هر هڪ ۾
وائرليس جي موجودگي، ٽرئفڪ هيڊ ڪوارٽرن
۾ ڪمپيوٽرن ۾ رموٽ ڪنٽرول (Remote-
Control) جو جديد ۽ ڪارائتو نظام.
انهن مڙني ڳالهين کان وڌيڪ جيڪا ڳالهه
لکڻ لائق آهي سا ماڻهن جو ٽرئفڪ سينس
آهي.

(٢)- ٻي ڳالهه جيڪا مونکي عجيب لڳي سا
اِها آهي ته سڄي ٽوڪيو شهر ۾ جپان
جو جهنڊو مونکي هڪ يا ٻن هنڌن تي
ڦڙڪندو ڏسڻ ۾ آيو. جڏهن ته جپان جا
ماڻهو پنهنجي مادر وطن جپان تي اصل
ساهه ٿا ڏين. اُنهيءَ مان سمجهه ۾ آيو ته
جيڪي قومون پنهنجي وطن ۽ پنهنجي
جهنڊي سان دلي آڪير ۽ محبت رکن
ٿيون تنکي ڏيکاءُ ۽ نمائش جي جهنڊن
ڦڙڪائڻ جي ضرورت نه هوندي آهي.

(٣)- ٽئين ڳالهه ته اٽڪل سوا ڪروڙ ماڻهن جي
آبادي واري هن شهر ۾ جتي جيڏانهن
نهار تيڏانهن ڪارون ئي ڪارون آهن،



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

تنهن ۾ نه ٽرئفڪ جي تڪليف، نه ڪو
هل هنگامو، نه ڪا ذهني ڪوفت ۽ نه
ماحول جي آلودگي ڏسڻ ۾ آئي ٿي.

(۴)- چوٿين ڳالهه ته جپان جي شهن جي سڄي
دنيا ۾ تشهير (Advertisement) وڏي
پئماني تي ٿيندي آهي. وڏن شهرن ۾
رات جو خاص ڪري رونق ٿي انهن
اڊورٽائزن جي ڪري هوندي آهي. پر
خود جپان جي هن وڏي شهر ۽ گاديءَ
واري هنڌ ٽوڪيو ۾ اسانکي تمام گهٽ يا
هيئن ڪٿي ڇنڇي ته نه جي برابر نيون
سائنس (Neun Signs) ڏسڻ ۾ آيون.

(۵)- آخري ڳالهه جنهن ڪان آءٌ گهڻو متاثر ٿيس
سا آهي جپاني ماڻهن جي انسان دوستي ۽
خلوص واري روش. هنن جي مهذب ورتاءَ
تي هڪ الڳ ڪتاب لکڻ جي ضرورت
آهي. جيڪي ماڻهو جپان گهمي آيا آهن،
يا جپان ۾ رهي آيا آهن، تن کي انهيءَ
ڳالهه جو بخوبي تجربو هوندو. هنن ماڻهن
جو توريل تڪيل مزاج، سلجهاڻپ، پڪو
۽ پختو ڪردار، حب الوطني جو جذبو ۽
جفاڪشيءَ هننجي تيز رفتار ترقيءَ جو
ڪارڻ آهي. سچ پچ هنن ماڻهن زنده رهڻ



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

جو راز پروڙي ورتو آهي.

اسانکي پنهنجي پروگرام مطابق باقي ٻه ڏينهن ٽوڪيو ۾ رهڻو هو. جنهن لاءِ اسان هن ريت سٽاءُ سٽي ته: هڪ ڏينهن پنهنجي مرضيءَ ۽ ٻي ڏينهن وري سٽي ٽوئر ڪمپني جي معرفت شهر جي باقي مکيه جڳهين جو سير ڪجي. سو اسان هوٽل واري کي صبح جو ٽوئر لاءِ ٻه سيٽون بُڪ ڪرائڻ لاءِ چٺي ڇڏيون. جنهن اسانکي نوين وڳي جو وقت ڏنو ۽ اسان پروگرام مطابق ٻي ڏينهن صبح جو بيل ماسٽر جي ڪئبن تي آياسين، جنهن اسانکي اڳ ئي سڄاتو ٿي، ۽ هن بس لاءِ ٻه ڪوپن ۽ ٻه اسٽيڪر شرٽ تي هڻڻ لاءِ ڏنا ۽ سامهون بيٺل لگزري ڪوچ بس ڏانهن اشارو ڪري چيائين ته توهانجي ٽوئر لاءِ اِها بس آهي.

اسان هيٺ بيٺل گائيڊ ڇوڪريءَ کي ڪوپن ڏيکاري پنهنجي سيٽ تي وڃي ويٺاسين. بس هلڻ سان گڏ دستور مطابق گائيڊ ڇوڪري پنهنجو ۽ پئسينجرن مان هر هڪ جو تعارف سٺي نموني ڪرائيندي ويئي. هيءَ گائيڊ ڇوڪري اڳوٽي گائيڊ کان وڌيڪ ذهين ۽ سياڻي ٿي لڳي، پر سنجيده ضرورت کان زياده هئي. ڪنهن بہ گائيڊ ڇوڪريءَ کي ايترو سنجيده ۽ مائيٽو نہ ٿيڻ گهرجي. هُنجي طبيعت ميل جول واري هئڻ ڪپي ته جيئن سيني مسافرن سان رلي ملي هڪ ٿي وڃي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

اچ جي ٽوئر ۾ اسانکي سڀ کان پهرين جيڪا
جڳهه ڏيکارڻي هئي، سا هئي جپان جي پارليامينٽ
هائوس. اسانجي بس شهر مان ڦرندي اٽڪل اڌ ڪلاڪ
ڪانپوءِ جپان جي پارليامينٽ هائوس جي ٻاهران اچي
بيٺي. وڏي لوهي دروازي وٽ بيٺل محافظ سان اسانجي
گائيڊ ڇوڪري ڪجهه ڳالهايو ۽ شايد ڪجهه ڪاغذ
پڻ ڏيکاريا. جنهن ڪانپوءِ اسان سڀني جيڪي تعداد ۾
پنجويهه ڄڻا هئاسين، اندر داخل ٿياسين. پاڻ پاڪستان
۾ پارليامينٽ هائوس کي ڇئون نيشنل اسيمبلي، هند
۾ چون لوڪ سڀا، انگلنڊ ۾ چون هائوس آف ڪامنس،
آمريڪا ۾ چون هائوس آف پريزنٽيٽيو، تيئن وري جپان
۾ چون نيشنل ڊائٽ (National Diet) جيئن ته
پارليامينٽ جو اجلاس هلندڙ نه هو اِنهيءَ ڪري آٽي
گهٽا ماڻهو ڪونه ٿي ڏسڻ ۾ آيا. اسانکي پارليامينٽ
هائوس ۾ صرف لئبرري، مکيه ڪئنٽين ۽ ٻيو ڪجهه
آفيسون ڏيکاريائون.

جپان ۾ هينئر بادشاهت مڙيئي نالي ماتر وڃي رهي
آهي، جيئن برطانيه ۾ آهي. اڳي بادشاهه ڪل اختيارن
جا مرڪز ۽ زمين تي خدا جا پاڇا تصور ڪيا ويندا
هئا ۽ چيو ويندو هو ته، هڪ بادشاهه کي سئن ولين
جي قوت هوندي آهي. پر هاڻي صرف پنهنجو تاج مٿي
تي رکڻ ۽ لاهڻ جو اختيار باقي وڃي بچيو اٿن. انگريز
۽ جپاني قومون روايت پسند هجڻ ڪري بادشاهن کي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

۽ زياده هوندو، هتي مکيہ سياسي پارٽيون ڇهہ آهن، جن ۾ جپان جي ڪميونسٽ پارٽي بہ شامل آهي. پارليامينٽ جا ڪل ميمبر ۵۱۰ آهن جن مان ۲۲ ميمبرن جو تعلق ڪميونسٽ پارٽي سان آهي. پارليامينٽ هائوس ۾ اسان اٽڪل ۲ ڪلاڪ گهمياسين ۽ پوءِ ٽاساڪي پرل گئلري (Tasaki Pearl Gallery) ۾ وياسين، جتي اسانکي ڊيڪاريائون تہ سِپ مان موتي ڪيئن ٿا ٺهن. پوءِ آنکي ڪيٿن خوبصورت بنايو ويندو آهي. هيءَ صرف سنڌن شو روم هو، باقي ڪارخانو ٻئي هنڌ تي هئين. انهيءَ ڪانپوءِ اسانکي جپان جي ٻي نمبر مکيہ مذهب شنتومت جو ٽمپل ميجي شرائن (Meiji Shrine) ڏيکارڻ وٺي ويا.

هيءَ مندر سڄو ڪاٺ جو ٺهيل آهي. هتي اسان آنهن جون ڌرمي رسمون بہ ڏٺيون. اسان ڏٺو تہ هڪ جوان جماڻ ٺاهوڪي ڇوڪريءَ ناچ پئي ڪيو ۽ سندس سات جي ٻين همراهن رکي رکي شوڪارا پئي پريا ۽ آنهن جي وچہ ۾ وري هڪ نوجوان ڇوڪري تلوار هٿ ۾ جهلي ناچ پئي ڪيو. هيءَ مندر هڪ باغ ۾ هو. اهو باغ بہ ڏسڻ وٽان آهي. جپاني قوم جتي سائنس ۽ ٽيڪنالاجي ۾ حيرت انگيز ترقي ڪئي آهي آتي قدامت پسندي ۽ ڌرمي ريتن رسمن کي بہ قائم رکيو آهي. جپان جي مختلف مندرن ۾ ساليانا ۽ موسم آهر ميڙ ۽ ميلا بہ ٿيندا آهن. انهن ميڙن جون تقريبون اڪثر



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ماضيءَ جي يادگيرين سان لاڳاپيل هونديون آهن. اِنهن جو تاريخي پس منظر ۽ روايتي انداز دلچسپي کان خالي نہ آهي. اِنهن رسمن مان ڪن جو ذڪر هيٺ ڏجي ٿو.

(١)ـ دنيا جي مختلف مُلڪن ۾ وسڪاري جا گيت ۽ ناچ عام آهن. پُراڻي زماني ۾ جڏهن آبپاشي جو نظام سڌريل حالت ۾ نہ هو تہ زراعت ۽ چراگاهن جو مدار مينهن تي هوندو هُو. مينهن وسڻ جا ويس ڪندو هُو تہ ماڻهو ٻُود ۾ پرجيو پيا ناچ نچندا ۽ هُرچو ڳائيندا هئا. جنهن منڌ ۾ وري مينهن نہ وسندو هو تہ ماڻهو، مرڳهہ، پکي پکڻ ۽ سڀ ساهوارا پيا ڏُٿيءَ در ٻاڏائيندا هئا. اهڙي ريت ڪن قومن مينهن جا ديوتا ٺاهي اُنهنجي رضا حاصل ڪرڻ لاءِ جانورن ۽ انسانن جون قربانيون ڏيڻ شروع ڪيون، تہ ڪن وري طاقتور روحن کي پرچائڻ لاءِ جنتر منتر تخليق ڪيا. اسانوٽ بہ مينهن نہ پوڻ جي صورت ۾ يا حد کان وڌيڪ پوڻ جي حالت ۾ ماڻهو پٽت خيرات ڪندا آهن، شڪراني جون نمازون پڙهندا آهن يا هزارين صلواتون ورد ڪندا آهن.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ٽوڪيو ۾ هر سال جي ١٧ جولاءِ تي
مينهن روڪ ناچ ٿيندو آهي. جنهن ۾ ٽي
آزدها ناچ ڪندي مينهن بند ٿيڻ جون
دعائون گهرندا آهن، انهي صدين پراڻي رسم
کي جپاني ٻوليءَ ۾ مزو ڊو مينو مائي
(Mizudomie-no-Mai) سڏيندا آهن جنهن
جي لغوي معني آهي ’پاڻي روڪ ناچ.‘
هيءُ ناچ شنگاوا (Shingawa) جي ويجهو
گونشو جي مندر ۾ ٿيندو آهي، جتي هزارين
ماڻهو اچي مڙندا آهن. هن ناچ ۾ اسٽيج
تي ٻه نَر ازدها (Dzagons) هڪ مادي
ازدها جي پيار جيتڻ جي ڪوشش ڪندا
آهن.
چيو وڃيٿو ته انهيءَ ناچ جو بنياد اڄ کان
٥٥٠ سال اڳ پيو. اندازو آهي ته سال
١٤٢٩ع ۾ هن ايراضي ۾ برسات نه پوڻ
سبب سخت ڏڪار پيو هو ڏڪار جي ستايل
ماڻهن ۽ هزارين نارين گونشو جي مندر جي
هڪ پروهت هوميسو کي وڃي عرض ڪيو
ته هو مينهن وسڻ لاءِ دعا گهري. انهي
بزرگ پروهت هوميسو فصلن جي ديوتا
اناري ميوجن (Inari myojin) جي مورت
ڪاٺ ۾ جوڙائي. ڪکن مان هڪ ٻي ديوتا



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

( Dragon God ) ريوجن جي مُورت به
نهرائي ۽ پوءِ هڪ هفتي تائين وسڪاري لاءِ
دُعا گهرندو رهيو. ستين ڏينهن جي شام جو
هن ڊريگن ديوتا ريوجن جي ڪڪائين مُورتي
سمنڊ ۾ لوڙهي ڇڏي. وري مندر ۾ موٽي
اچي ٻيڻ ڏرمي دعائون پڙهڻ لڳو. ڏسندي
ڏسندي آسمان تي ڪڪرن جي ڪارونيار
ٿي ويئي. وڄن وراڪا ڏيڻ شروع ڪيا ۽
مينهن جون اوڙڪون وسڻ شروع ٿي ويون.
هارين نارين جا ڳوڙها لهي ويا ۽ اُڃايل
ڌرتي سيراب ٿي ويئي.
اهڙي ريت وقت ويو گذرندو. ٻن سالن
کانپوءِ يعني ۱۴۳۱ع ۾ وري بارش جون آهي
ٻَنَاپوڙ اوڙڪون اليون جو ماڻهن جو جيئڻ
جنجال ٿي پيو. چوندا آهن ته ماڻهو نه
سهي سردي ۽ نه سهي گرمي، سو هاري
ناري ۽ ڪِڙمي ڪاسبي وري پيگا ساڳئي
بزرگ پروهت وٽ ته: ”اي پيلارا انسان،
سڄي مهني جي مسلسل مينهن هئي فصل
تباهه ۽ مال ماري ڇڏيا آهن. هاڻي ته
جيئڻ ئي جنجال ٿي پيو آهي. پيلائي ڪري
ڪا دعا گهرو ته بارش بند ٿئي.“ هارين
نارين ۽ ماڻهن جي اِها سقيم حالت ڏسي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

هن بزرگ وري به دعا گهرڻ جو سانباهو ڪيو. هن پيري هن ٽن ازدهن (Dragons) جون مورتون تيار ڪرايون، جنکي مزو ڊومي (Mizodome) (يعني پاڻي روڪ) جو نالو ڏنائين. پروهت هارين کي چيو ته آهي مزوڊومي ازدهن جا نقاب منهن تي چاڙهي دهل ۽ توتارا وڄائي ناچ ڪن. هاري دهل ۽ توتارا وڄائي ناچ نچندا رهيا ۽ هي انهي دوران دعائون گهرندو رهيو. ڏسندي ڏسندي آسمان صاف تي ويو، ڪارونيار هٽي ويئي، بارش بس تي ويئي ۽ سج پوري آب تاب سان چمڪڻ لڳو. سارو لوڪ حيرت زده رهجي ويو ۽ هن آفت کان ڇوٽڪارو پائي سرهو ٿيڻ لڳو. انهيءَ واقعي جي ياد ۾ ١٧ جولاءِ تي هي ڏيهاڙو ملهايو ويندو آهي.

(٢)- پُراڻي زماني کان وٺي انسان مُئلن جي روحن کي خوش رکڻ لاءِ پانت پانت جا نظريا رکندڙ ۽ رسمون بجا آڻيندو رهيو آهي. جيتوڻيڪ جديد سائنسي انڪشافن انهن ڳالهين کي وهم کان وڌيڪ ڪابه اهميت نه ڏني آهي، پر تڏهن به اهن ڏاڏن



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

سان جذباتي وابستگي انهن رسمن کي قائم
رکڻ لاءِ مُحرڪ طور ڪم ڪندي رهي
آهي. دنيا جي مختلف قومن، مذهبن ۽
ڌرمن ۾ روحن جي پرواز، روحن جي جاءِ
رهائش ۽ روحن جي ڪارگذارين بابت
ڪئين عجيب و غريب نظريا هلندڙ آهن.
هندوئن ۾ روح يا آتما جي جسمن بدلائڻ
جو عقيدو هلندڙ آهي. قديم مصرين ۾
مرده جسم ۾ ڪنهن به وقت روح جي
داخل ٿيڻ جو عقيدو هو. غالباً انهي ڪري ئي
قديم مصري لاشن کي دوائن ۽ مصالن
وسيلي محفوظ رکندا هئا ۽ مرندڙن سان گڏ
سندن ساز و سامان به دفن ڪندا هئا ته
جڏهن مُردو جيئرو ٿئي ته ڪيس استعمال
جون سڀ شيون اڳواٽ مُيسر هجن.

عيسائين، يهودين ۽ مسلمانن ۾ روحن جي
عالم برزخ ۾ رهڻ جو عقيدو هلندڙ آهي.
اهڙيءَ ريت جپان جي ماڻهن ۾، جنجو
تعلق ٻڌمت ۽ شنتومت سان آهي، به
روحن جي موجود رهڻ ۽ سير و سفر جو
عقيدو عام آهي. انهي سلسلي ۾ هو ١٣
جولاءِ کان ١٦ تاريخ تائين ياسو ڪوني
جنجا (Yasu Kuni Jinja) شرائن ۾ راڳ



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

رنگ ناچ وغيره جو تقريبون منعقد ڪندا آهن. اهي تقريبون گذريل جنگين دوران شهيد ٿيلن جي روحن کي خوش ڪرڻ لاءِ ملهايون وينديون آهن. هنن جو عقيدو آهي ته مئلن جا روح پنهنجن دنياوي گهرن گهمڻ لاءِ ١٣ جولاءِ تي ايندا آهن ۽ ١٦ جولاءِ تي وري واپس ٻي جهان ڏانهن هليا ويندا آهن. شرائن ۾ هر شام ٢،٥٠٠،٠٠٠ روحن لاءِ مذهبي رسمون اداڪيون وينديون آهن ۽ امن لاءِ دعائون گهريون وينديون آهن. انهي تقريب کي چراغن جو تهوار به ڪري سڏبو آهي. هن تهوار ۾ هزارين ننڍا وڏا چراغ روشن رکيا ويندا آهن ته جيئن روح پنهنجن گهرن ڏانهن ايندي ۽ ٻي جهان ڏانهن موٽندي اونداهين ۾ نه ڀٽڪن. هن ڏيهاڙ جون رنگا رنگ تقريبون جن ۾ رقص و سرود، نمائشون، ڪرتب، لوڪ ناچ وغيره هوندا آهن ڪافي دلچسپ ۽ وندرائيندڙ آهن.

(٣)- موسم گرما جي دلچسپ رسمن مان هڪ رسم آهي تلاءُ يا نديءَ تي ڏيئا تارڻ. اسانوٽ سنڌ ۾ هندو سنڌوءَ تي هميشه



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

دوران ڪاٺي سگهن. اهڙيءَ ريت اِها رسم ٦ تاريخ
جي پڇاڙي سان انت تي ايندي آهي.
ڇڱو، هاڻي موٽي اچون ٿا سفر جي باقي بچيل
احوال ڏي. مندر جي باغ گهمڻ ڪانپوءِ اسانکي جپان
جي وڏي ۾ وڏي راندين جي اسٽيڊيم نيو ويو، جتي
پهرين ايشين گيمز ١٩٦٤ع ۾ ٿيون. جپاني قوم راندين
۽ جسماني ڪرتبن ۾ وڏي دلچسپي رکي ٿي. موجوده
وقت جپاني جوڊو ڪراٽي جي سڄي دنيا ۾ هاڪ
آهي. اِنهيڪانپوءِ اسانجا سونهان اسانکي ٽي سؤ سال
پراڻي هاريءَ جو گهر ڏيکارڻ وٺي ويا. هيءَ گهر ٻه
ماڙ هو ۽ هن ۾ هڪ ننڍڙو خوبصورت باغيچو به هو.
اسانکي ٻڌايو ويو ته جپان جو هاري ٽي سؤ سال اڳ
هن ريت رهندو هو. اسان وٽ اڄ به شايد ڪنهن اپر
مڊل ڪلاس واري ماڻهوءَ جو گهر ههڙو هجي.
هيءَ اسانجي اڄ جي ٽوئر جو آخري پروگرام هو.
اڃا جپان اڄ به هنن کي اسانکي گنزا جي علائقي ۾
لاهي ڇڏڻو هو، پر اسان کين چيو ته اسانکي هوٽل
تي هلي ڇڏيو. هوٽل ڏانهن وينديٰ وينديٰ رستي تي
اسانجي گائيڊ هڪ بنگلي ڏانهن اشارو ڪندي چيو ته
اِها جڳهه وزير اعظم جي سرڪاري رهائش گاهه آهي.
هن عمارت جي وڏي دروازي تي ٽي چار پهريدار بيٺل
هئا. بنگلي جي ٻاهرين پٽين تي سيڪيورٽي جي خيال
کان ڪئميرائون لڳل هيون. بنگلو ڪو خاص وڏو



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

هيون پر برسات ختم ٿيڻ ڪانپوءِ بار ٻنجي پيون.
رات جو دستور مطابق اشوڪا هوٽل ۾ ماني کاڌيسين. ماني کائي ڦرندا گهرندا پنڌ ئي پنڌ اچي هوٽل پيڙا ٿياسين. صبح جو ڪوبہ ٽوئر پروگرام ڪونہ هو انهيڪري سوير اٿڻ جو اونو ۽ آلڪو نہ هيوسين. رات دير تائين پنجين چئنل تي انگريزي پروگرام ڏسندا رهياسين ۽ ڪافي دير سان ستاسين.
ٻي ڏينهن ڏاڍيون ننڊون ڪري اٿياسين ۽ ٻاهر نڪرندي ڀيرياڻين پي - آئي - اي (PIA) جي آفيس وياسين جتي اسانکي پنهنجي ٽڪيٽ جي باقي هڪڙي سرڪٽ يعني ٻئنڪاڪ ڪراچي کي O.K ڪرائڻو هو. عيد جو موقعو هو تنهنڪري ٽڪيٽ ون سرڪٽ يعني ٻئنڪاڪ ڪراچي لاءِ O.K ٿيڻ ۾ ڪافي تڪليف پيش پئي آئي. اسانجي ٽڪيٽ هر شهر لاءِ اڳيئي او - ڪي ٿيل هئي پر ٻئنڪاڪ ڪراچي لاءِ هر جڳهہ تي انتظار ڪرڻ لاءِ ٻي چيائو ن. عيد جي ڪري اسانکي بہ تمام گهڻو خيال هو تہ عيد وچي گهوٽ ڪريون. گهمندي ڦرندي پي - آء - اي جي آفيسن ۾ جهاتيون بہ پائيندا هئاسين. اسان آفيسن ۾ وياسين ۽ کين پنهنجي حال کان واقف ڪيو. آفيس وارن اسانجا نالا نوٽ ڪري ڪمپيوٽر جي حوالي ڪيا. جتان جواب مليو تہ توهانجون سيٽون O.K آهن. اِنهي کانپوءِ وچي ڪجهہ اطمينان ٿيو. هر ماڻهوءَ کي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

اسانجي فلائيٽ لاءِ بورڊنگ شروع ٿي چڪي هئي
اسان پنهنجو سامان ڏيئي ٽڪيٽ وٺي اچي لائونج ۾
ويٺاسين. ٿوري دير ڪانپوءِ اعلان ٿيو ته توهانجي آڌام
منيلا لاءِ تيار آهي. اسان سڌا اچي جهاز ۾ پهتاسين
جتي ايئر هوسٽس اسانکي اسانجون سيٽون ڏيکاريون.
اسان پنهنجين سيٽن تي ويٺاسين. ٻن منٽن ڪانپوءِ جهاز
پنهنجي صحيح وقت تي منيلا لاءِ اڏامڻو. اهڙيءَ طرح
اسان جپان جي هن سهڻي سرزمين تان ڪجهي هوائن جي
دنيا ۾ هليا وياسين. جپان جهڙو ٻڌوسين تهڙو ڏٺوسين.

---



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner



عبدالحئي ولد ارباب نور محمد سليجو
ٺٽي ضلعي جي ڳوٺ [illegible] ۾
1945ع ۾ ڄائو
ابتدائي تعليم ڳوٺ ۾ ورتائين
جنهن کانپوءِ
نور محمد هاءِ اسڪول، مسلم ڪاليج
سنڌ يونيورسٽي، سنڌ لا ڪاليج
حيدرآباد ۾
پنهنجي تعليم مڪمل ڪيائين.
شاگردي واري دور ۾
عام سرگرم شاگرد ليڊر هو.
حيدرآباد اسٽوڊنٽس فيڊريشن جو
نائب صدر
سنڌ نيشنل اسٽوڊنٽس فيڊريشن جو
جنرل سيڪريٽري
مسلم ڪاليج هاسٽل اسٽوڊنٽس يونين
جو [illegible] رهي چڪو آهي.
انهي دور ۾ هو
ٻه دفعا جيل پڻ ويو.
1972ع کان 1980ع تائين پوليس پراسيڪيوٽر ۽
اميگريشن آفيسر تحت
ٺٽي، حيدرآباد، ڪراچي ايئرپورٽ
تي سروس ڪيائين.
هاڻ پنهنجي ڳوٺ ۾ ٻني ٻاري جي ڪم سان
گڏ ڪتاب پڙهڻ ۾ وقت گذاري ٿو.
[illegible] ٻه بين [illegible] ناول
ڪيترائي [illegible]
ويو آهي.

جيئي سنڌ ڊجيٽل ڪتاب گهر

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

# سنڌ سلامت

**www.sindhsalamat.com**

سنڌ سلامت جو مشن ۽ مقصد سنڌي ٻوليءَ جي ڊجيٽلائيزيشن ۽ پکيڙ کي وسيع ڪرڻ آهي ۽ پڻ دنيا سان گڏ سنڌس رفتار سان هلڻ جو سانباهو آهي، ڇو تہ تاريخ هميشہ انهن قومن جو احترام ڪيو آهي جن پنهنجي علمي سرمائي جي حفاظت ڪئي آهي. سنڌ سلامت پڻ پنهنجي ٻوليءَ جي بقاء خاطر سنڌي ٻوليءَ ۾ لکيل قيمتي ۽ ناياب ورثي کي ضايع ٿيڻ کان بچائڻ ۽ ان کي نہ رڳو محفوظ رکڻ پر پنهنجي اديبن، ليکڪن، محققن ۽ شاعرن جي علم، هنر ۽ تخليقن کي ڊيجيٽلائيز ڪندي دنيا جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ موجود سنڌين تائين مفت ۾ آسانيءَ سان پهچائڻ جو عزم ڪيو آهي.

اسان جي خواهش هئي تہ سنڌي مواد تي مشتمل هڪ اهڙو ڪتاب گهر قائم ڪجي جتي هر موضوع تي مشتمل ڪتاب موجود ملن. ڪتابن کي ڳولڻ ۽ ڊائونلوڊ ڪرڻ آسان هجي ۽ اينڊرائيڊ سميت آئي فون يا ونڊوز آپريٽنگ سسٽم سميت هر قسم جي ڊوائيس تي آساني سان آن لائين پڻ پڙهي سگهجي.

۽ اهو سڀ ”سنڌ سلامت ڪتاب گهر“ ذريعي ئي ممڪن ٿي سگهيو. اميد تہ سنڌ سلامت ڪتاب گهر ذريعي سموري دنيا ۾ موجود سنڌي نہ صرف ڀرپور لاڀ حاصل ڪندا پر سنڌ سلامت ڪتاب گهر کي وڌيڪ فائديمند بنائڻ لاءِ پنهنجو ڀرپور ساٿ نڀائيندا.

[books.sindhsalamat.com](http://books.sindhsalamat.com)

سنڌ سلامت ڪتاب گهر جي اينڊرائيڊ اپليڪيشن پلي اسٽور جي هن لنڪ تان ڊائونلوڊ ڪريو:

https://play.google.com/store/apps/details?id=com.sindhsalamat.book